بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# اهل بيت ۽ صحابه جو پاڻ ۾ رشتو ۽ پيار


مؤلف

مولانا عبدالرحيم پيٿو



پروپرائيٽر: توفيق احمد ولد نور احمد (مرحوم)

اداره: مولوي محمد عظيم ڪتب خانه

شاهي بازار شڪارپور


Scanned by CamScanner

مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ رُحَمَآءُ بَيْنَهُمْ

محمد ﷺ الله جو رسول آهي ۽ جيڪي ان سان گڏ آهن سي ڪافرن تي ڏاڍا سخت آهن، پاڻ ۾ مهربان آهن

# اهل بيت رضہ ۽ صحابه رضہ

# جو پاڻ ۾ رشتو ۽ پيار


مؤلف

**مولانا عبدالرحيم پتو**

ساڪن بنگل ديرو تحصيل رتوديرو ضلع لاڙڪاڻو (سنڌ)



ڇپائيندڙ. توفيق احمد ولد نور احمد (مرحوم)

**اداره مولوي محمد عظيم ڪتب خانه شڪارپور**

Price: Rs.

# عرض مولف

## بسم الله الرحمٰن الرحيم

**الحمد لله رب العالمين واصلواه والسلام عليٰ سيد المرسلين وعليٰ اله واصحابه اجمعين. اما بعد**

الحمدالله، ڪتاب بنام اهل بيت ۽ صحابه رضي الله عنه جو پاڻ ۾ رشتو ۽ پيار جنهن ۾ ثابت ڪيو ويو آهي ته صحابه رضه ۽ اهلبيت رضه جو پاڻ ۾ رشتو ۽ پيار هو.

اِهي هڪ ٻئي سان رشتي ۾ ته بلڪل قريب آهن، پر محبت، قربت، همدردي ۽ مشاورت ۾ به پاڻ ۾ متين جي لڙ وانگر مٺيا بيٺا آهن. ان ڪري اسان کي ٻنهي جو ادب ۽ احترام ڪرڻ گهرجي، سندن محبت رکڻ ايمان جو جزو سمجهڻ گهرجي.

هي به ياد رهي ته نبي ڪريم ﷺ جي اهلبيت ۾ سندن ازواج مطهرات ۽ ان جي اولاد به داخل آهي. حضور ﷺ جون بيبيون سڳوريون ته خصوصا اهلبيت ۾ ئي آهن ۽ حضرت علي رضه ۽ سندن اولاد به اهلبيت ۾ آهن، مان هي ڪتاب تيار ڪري ڪيترن محقق عالمن جي خدمت ۾ پيش ڪيم، جن نهايت خوشي جو اظهار فرمايو ۽ ڪتاب کي جلد ڇپائڻ جو تاڪيد فرمايو پوءِ الحمدالله هن ڪتاب کي ڇپائي عام ڪيم.

الحمدلله ڪتاب کي عوام خوب پسند ڪيو ۽ ٽي ڇاپا آسانيءَ سان فروخت ٿي ويا اڃا به ڪتاب جي گهر هلندي رهي، ڪجهه مجبورين سبب مان ڪتاب کي وري شايع ڪري نه سگهيس ان لاءِ جناب توفيق احمد اداره محمد عظيم ڪتب خانه شڪارپور جي محبت ۽ جذبي کي ڏسي ڪيس ڇپائڻ جا حقوق ڏئي ڇڏيا. جنهن نوجوان هن ڪتاب کي ڇپائي اوهان جي تمنا کي پايه تڪميل ڪيو شال الله پاڪ کي پنهنجو فرمائي (آمين)

هن ڪتاب جو موجوده معاشري ۾ مطالعو ڪرڻ تمام ضروري آهي. چو جو سڀ حوالا ايران جي ڇپيل ڪتابن مان ڏنا ويا آهن جيڪي ڪتاب مون وٽ موجود آهن. ڪتاب جي آخر ۾ اخذ ڪيل ڪتابن جا عڪس به ڏنا ويا آهن. آخر ۾ دعا آهي ته الله پاڪ سڀني مسلمانن کي اهلبيت ۽ صحابه رضه سان محبت جو ذوق عطا فرمائي.

**عبدالرحيم پنو** خادم العلماء

Scanned by CamScanner

# فهرست


| باب | مضمون | صفحو |
| --- | --- | --- |
| ١ | حضرت ابوبڪر صديق رضه جي نبي اڪرم ﷺ ۽ سندن اهل البيت رضه سان مائٽي | ٦ |
| ٢ | حضرت عمر فاروق رضه جي نبي ڪريم ﷺ ۽ سندن اهل البيت سان مائٽي | ١۴ |
| ٣ | حضرت عثمان رضه جي نبي ڪريم ﷺ ۽ سندن اهل البيت سان مائٽي | ٢٣ |
| ۴ | بنواميه ۽ بنوهاشم ۾ مزيد مٽي مائٽي جا تعلقات | ۴٢ |
| ۵ | ائمه اهل بيت رضه پنهنجي اولاد تي ٽن خليفن جا نالا رکيا آهن | ۴٧ |
| ٦ | ابوبڪر صديق ۽ عمر فاروق رضه جو اهل بيت سان سهڻو سلوڪ | ۵٢ |
| ٧ | حضرت رسول الله ﷺ جن حضرت ابوبڪر صديق رضه کي پنهنجي مصلي تي امام ڪيو | ٦١ |
| ٨ | صحابه ڪرام رضه جي اهل بيت رضه جي صلوٰة الجنائز ۾ شرڪت | ٦٨ |
| ٩ | حضور ﷺ جن ۽ ائمه اهل بيت حضرت ابوبڪر رضه کي صديق چيو | ٧٨ |
| ١٠ | رسول الله ﷺ جي روضي اطهر ۾ حضرت ابوبڪر ۽ عمر رضه جي معيت | ٨٣ |
| ١١ | علي المرتضيٰ رضه خلفاء ثلاثه رضه جي هٿ تي بيعت ڪئي | ٨٧ |
| ١٢ | خلفاء ثلاثه جي دور خلافت ۾ علي المرتضيٰ سندن مشير هو | ٩٢ |
| ١٣ | حضرت عثمان رضه طرفان رسول الله ﷺ جن بيعت ڪئي | ١٠٠ |
| ١۴ | امام حسن ۽ امام حسين رضي الله عنهما، حضرت معاويه رضه جي بيعت ڪئي | ١٠۵ |
| ١۵ | حضرت علي رضه ۽ حضرت معاويه رضه جو پاڻ ۾ مذهبي اختلاف نه هو ايمان ۾ ٻئي برابر هئا | ١١٠ |
| ١٦ | عبدالله بن سبا يهودي جي مسلمانن جي دين ۾ شرارت پکيڙڻ | ١١۴ |
| ١٧ | ڪتب شيعه مان ورتل عڪس | ١٢٠ |


Scanned by CamScanner

# سيرت محمد صلى الله عليه وسلم

مرتب: قاري شريف احمد صاحب

سنڌيڪار: ڊاڪٽر گل حسن سيتار

هن ڪتاب ۾ رسول الله ﷺ جي سيرت پاڪ کي انتهائي مدلل انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. پيغمبر پاڪ ﷺ جي ولادت مبارڪ، مڪي زندگي، مدني زندگيءَ کي سن وار پيش ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪل ڇهه باب آهن. باب پهريون ولادت نبويءَ کان پهريون پيش اچڻ وارا تاريخي واقعا. باب ٻيو ولادت سعادت متعلق بشارتون باب ٽيون ولادت نبويءَ وقت پيش اچڻ وارا واقعا. باب چوٿون ولادت کانپوءِ نبوت ملڻ تائين پيش آيل واقعا. باب پنجون مڪي زندگي. باب ڇهون مدني زندگي ۽ آخر ۾ پڇاڙي. مطلب ته هن ڪتاب ۾ وڏي محنت سان سيرت طيبه کي اهڙي ته انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي جو پڙهندڙ ائين سمجهندو ته رسول الله ﷺ جي سموري زندگي سندس اڏو گذري آهي. مناسب موقعن تي لاديني ۽ ملحد قوتن جي اعتراضن جا به تسلي بخش جواب ڏنا ويا آهن.

ڪمزور ۽ ضعيف روايتن کان پاسو ڪيو ويو آهي، قرآن، حديث ۽ تاريخ جي مستند روايتن کي نظر ۾ رکندي سيرت طيبه کي نهايت ئي جامع انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

هن ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ انشاءالله اوهانجي زندگيءَ ۾ هڪ عظيم انقلاب برپا ٿي ويندو. هي ڪتاب اوهان پاڻ به خريد ڪيو ۽ دوستن احبابن، لائبرري وارن کي به خريد ڪرڻ جي ترغيب ڏيو.

اداره: مولوي محمد عظيم ڪتب خانه شڪارپور

Scanned by CamScanner

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# باب پهريون

# خليفہ اوّل

## حضرت ابوبڪر صديق رضہ (المتوفي سن١٣ھ) ۽ ان جي اولاد جو نبي اڪرم ﷺ ۽ سندن اهل بيت سان مٺي مائٽيءَ جا تعلقات

## (پهرين مائٽي)

### حضرت ابوبڪر صديق رضہ،نبي اڪرم ﷺ جو سهرو آهي

هيءَ ڳالهہ تسليم شده آهي تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جي پياري نياڻي، ام المؤمنين بي بي عائشہ صديقہ رضي الله عنها جو نڪاح، نبي آخر الزمان حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم سان نبوت جي سن ١٠ ۾ ٿيو آهي. نبي اڪرم صلي الله عليہ وسلم جي، بي بي عائشہ صديقہ رضي الله عنها سان ڏاڍي محبت هوندي هئي. هڪ ڀيري پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جن ڪيس فرمايو:

يَا عَآئِشَةُ هٰذَا جِبۡرَئِيۡلُ يُقۡرِئُكِ السَّلَامَ. قَالَتۡ وَعَلَيۡهِ السَّلَامُ وَرَحۡمَةُ اللّٰهِ

(مشڪواة باب مناقب ازواج النبي ﷺ)

"اي( عائشہ رضي الله عنها) هي جبرئيل (عليہ السلام) توتي سلام چوي ٿو. عائشہ صديقہ رضہ فرمايو تہ ان تي بہ الله جي سلامتي ۽ رحمت هجي.

پاڻ سڳورن ﷺ جن مَرَضُ الۡمَوۡت ۾ بہ سڀني بيبين سڳورين رضہ کان اجازت وٺي، زندگيءَ جون آخري گهڙيون بي بي عائشہ رضہ جيۡ حجري مبارڪ ۾ گهاريون ۽ سندن وصال مبارڪ وقت بي بي

قيامت تائين اُمُّ الْمُؤْمِنِيْنَ صاحبہ رضہ جي ڇاتيءَ تي ٽيڪ ڏنل هئي. بي بي عائشہ سڳوريءَ رضہ جي حجري شريف کي پنهنجو آرام گاھ بنائي ڇڏيائون.

## (ٻي مائٽي)

## حضرت ابوبڪر صديق رضہ، حضرت جعفر صادق رح (المتوفي سن١٤٨ھ) جو نانو آهي.

• شيعن جو شهيد ثالث، قاضي نورالله شوستري (المتوفي سن١٠١٩ھ) روايت ٿو آڻي، امام جعفر صادق عليه السلام فرمايو:

ابوبڪرن الصديق جدي هل يسب احد أباءه لا قدمني الله ان لا اقدمه (احقاق الحق ج١ ص٣٠ مطبوعہ ايران)

ابوبڪر صديق رضہ منهنجو نانو آهي، ڇا ڪوئي پنهنجي وڏن کي گاريون ڏيڻ پسند ڪندو؟ الله تعاليٰ مون کي ڪوئي شان ۽ عزت نہ ڏئي، جو مان "صديق" جي عزت ۽ عظمت نہ مڃان.

• احمد بن علي بن ابي طالب طبرسي شيعہ لکي ٿو تہ حضرت محمد باقر عليه السلام فرمايو:

لَسْتُ بِمُنْكِرٍ فَضْلَ اَبِيْ بَكْرٍ (احتجاج طبرسي ج٢ ص٢٤٦ طبع نجف)

مان ابوبڪر رضہ جي فضيلت جو منڪر نہ آهيان.

لَسْتُ بِمُنْكِرٍ فَضْلَ عُمَرَ وَلٰكِنَّ اَبَابَكْرٍ اَفْضَلُ مِنْ عُمَرَ (احتجاج طبرسي ج٢ ص٢٤٧ مطبوعہ نجف، عراق)

مان عمر رضہ جي فضيلت جو منڪر نہ آهيان. پر (ايترو آهي تہ) ابوبڪر رضہ، عمر رضہ کان افضل آهي.

• شيعن جو محدث سيد نعمت الله جزائري (المتوفي سن١١١٢ھ) لکي ٿو:

ان الائمة عليهم السلام من — بيشڪ امام سڳورا

نسله وذالک لان ام فــروة هي ام الصادق عليـه السـلام بنت القاسم بن محمد بن ابي بكر (انوار نعمانيه ج١ ص٦٠ مطبوعه ايران)

عليهم السلام حضرت ابوبكر صــديق رضي الله عنه جي نسل مـان آهن، ڇاڪاڻ تہ حـضـرت صادق عليـه السـلام جي والده ام فروه رح قاسم بن محمد بن ابي بكر رح جي نياڻي آهي.

• شيـعن جو ثقةُ الاسـلام مـحـمـد بن يعـقـوب كليني (المتـوفي سن٣٢٨هہ) لکي ٿو:

وامـه ام فـروة بنت القـاسم بن محمد بن ابي بكر وامها اسماءُ بنت عـبـدالرحـلن بن ابي بكـر (اصـــول كـافي ج١ ص٤٧٢ كتاب الحجہ)

حـضـرت جعـفـر صـادق رح جي والده ام فـروه بنت قـاسم بن مـحـمد بن ابي بكـر رح آهي ۽ ام فـروه رح جي والده اسـمـآء بنت عـبـدالرحـلن بن ابي بكر رضہ آهي.

هيٺ ڏنل نقـشي مـان اوهان چڱيءَ طرح سـمـجهي ويندا تہ حضرت جعفر صادق رحمة الله عليه جو نانو قاسم رح، حضرت ابوبكر صديق رضہ جو پوٽو آهي ۽ جعـفـر صـادق رح جي ناني اسـمـاء رضہ، ابوبكر رضہ جي پوٽي آهي.




انهيءَ كري حضرت جعفر صادق رح فرمايو آهي:

وَلَدَنِيْ اَبُوْبَكْرِ نِ الصِّدِّيْقُ مَرَّتَيْنِ

مون کي ابوبکر صديق رضہ ٻن طرفن کان ڄڻيو آهي (يعني سندس پوٽي ۽ پوٽيءَ جو اولاد آهي)

(١) احقاق الحق ج١ ص٢٩ مطبوعه نجف عراق
(٢) تنقيح المقال في علم الرجال ج٣ ص٧٣ من فصل النسآء
(٣) كشف الغمہ ج٢ ص١٦١ ذكر الامام السادس
(٤) عمدة الطالب ص١٩٥ عقب الامام جعفر عليه السلام
(٥) تهذيب الاحكام ج٦ ص٧٨ باب نسب ابي عبدالله

هتان معلوم ٿيو تہ حضرت جعفر صادق رح جي نسب جو سلسلو مٿي مائٽيءَ ۾ حضرت ابوبکر صديق رضہ سان ملي ٿو.

## (ٽين مائٽي)

## حضرت امام علي المرتضيٰ رضہ (المتوفي سن٤٠هہ) پنهنجي ڀاڄائي اسماء رضہ، خليفہ بلافصل حضرت امام ابوبکر صديق رضہ (المتوفي سن١٣هہ) کي نکاح ۾ ڏني

اسماء بنت عميس هاجرت الىٰ ارض الحبشة مع زوجها جعفر بن ابي طالب فولدت له هناک عبدالله و محمدا وعونا ولما قتل عنها جعفر بموتة سنة ٨ھ من الهجرة خلف عليها ابوبكر فولدت له محمد بن ابي بكر و

اسماء بنت عميس رضہ پنهنجي مڙس حضرت جعفر بن ابي طالب رضہ سان حبشہ ڏانهن هجرت ڪئي. پوءِ اُتي عبدالله محمد ۽ عون فرزند ڄڻيائين. جڏهن جعفر رضہ سن٨ هجري ۾ موتہ جي جنگ ۾ شهيد ڪيو ويو تہ پوءِ اسماء رضہ سان حضرت ابوبکر رضہ نکاح ڪيو. ڪيس ان مان محمد بن ابي بکر رح فرزند

لـمـا توفي عنــهـا تزوجــهـا امـيـر الـمـؤمنين عليـه السـلام. فولدت لـه يحي وعونا.

جانو. جڏهن حضرت ابوبڪر رضہ وفـات ڪئي تہ پوءِ اسـمـآء رضـہ سـان حـضـرت علي رضـہ شـادي ڪئي، جنهن ان جي پٽن يحيٰ ۽ عون کي ڄڻيو.

ان نڪاح جو ذڪر شيعن جي هيٺين معتبر ڪتابن ۾ آيل آهي:

(۱) من لا يحضره الفقيهہ ج۴ ص۲۸ شرح مشيخة الفقيهہ
(۲) احتجاج طبرسي ج۱ ص۱۲۶ احتجاج امير الـمؤمنين.
(۳) متهي الآمال ج۱ ص۲۱۳ ذڪر محمد بن ابي بڪر.
(۴) فروع ڪافي ج۳ ص۹۸ ڪتاب الحيض
(۵) تنقيح المقال ج۳ ص۶۹ من فصل النساء
(۶) ناسخ التواريخ ج۲ ص۳۳۹ حالات سيد الشهداء
(۷) جلاء العيون ص۲۲۶ زندگاني فاطمـة الزهريٰ رضہ
(۸) عمدة الطالب ص۱۲ ذڪر محمد بن جعفر
(۹) ڪشف الغمه ج۱ ص۳۷۲ في تزويجه فاطمه رضہ
(۱۰) نزل الابرار في مناقب اهل البيت ص۷۳
(۱۱) مقاتل الطالبين ص۱۱ محمد بن جعفر
(۱۲) بحار الانوار ج۴۳ ص۱۳۴ تاريخ سيدة النساء
(۱۳) تذڪرة الائمه ص۶۵ باب سوم مطبوعه ايران.
(۱۴) التنبيه والاشراف ص۲۹۹ مطبوعه ايران
(۱۵) رجال طوسي ص۶۴ مطبوعه ايران.

هتان ثابت ٿيو تہ حضرت علي المرتضيٰ رضہ پنهنجي ياجائي اسمـاء رضہ، حضرت ابوبڪر صديق رضہ کي نڪاح ۾ ڏيئي، ان جي ڪامل ايمان تي تصديق جي مهر هڻي ڇڏي. جيڪڏهن ڪيس صديق جي ايمان ۾ ذرو بہ شڪ هجي ها تہ پنهنجي ياجائي سن۸ هجريٰ ۾ اسلامي دور ۾ ڪيس هرگز نڪاح ۾ نہ ڏئي ها. صاف ظاهر آهي تہ علي المرتضيٰ ۽ صديق اڪبر رضہ جا پاڻ ۾ بهترين تعلقات هئا.

## (چوٿين مائٽي)

### حضرت عبدالرحمٰن بن ابي بكر رضہ (المتوفي سن٥٣هہ) جي نياڻي "حفصہ رح" جو نكاح، حضرت امام حسن رضي الله عنه سان ٿيو

روي المدائني قال تزوج الحسن حفصة بنت عبدالرحمٰن بن ابي بكر

مدائني روايت كئي تہ امام حسن رضہ "حفصہ" ڌيءَ عبدالرحمٰن بن ابي بكر رضہ سان شادي كئي.

(١) ابن ابي الحديد شرح نهج البلاغه ج۴ ص٥ مطبوعه ايران
(٢) بحار الانوار ج۴۴ ذكر اولاده مطبوعه ايران
(٣) ناسخ التواريخ ج٢ ص٢٦٨ ذكر زوجات امام حسن رضہ

## (پنجين مائٽي)

### حضرت امام حسن رضہ (المتوفي سن۴٩هہ) جي نياڻيءَ "أم الحسن" جو نكاح، صديق اكبر جي ڏهٽي حضرت عبدالله بن زبير رضہ (المتوفي سن٧٣هہ) سان ٿيو

زيد بن حسن پسر نخستين حسن عليه السلام است ....... بعد از شهادت امام حسين عليه السلام گاهيک عبدالله بن زبير بن عوام دعويٰ دارِ خلافت گشت با اوبيعت كرد، بنزد او

حضرت امام حسن رضہ جو پهريون پٽ زيد آهي....... امام حسين رضي الله عنه جي شهادت كان پوءِ حضرت عبدالله بن زبير رضہ خلافت جي دعويٰ كئي تہ پنهنجي ان وٽ آيو ۽ ان جي بيعت كيائين. ڇاكاڻ تہ

شتافت از بهر آنکه خواهرش ام الحسن که از جانب مادر نيزبا او برادر بود، وبعبدالله بن زبير شوي کرد چون عبدالله بن زبير راکشتند خواهر خويش رابر داشته از مکه بمدينه آورد

زيد ماءُ جي طرفان به "اُمِ الحسن" جو پاءُ هو. اها عبدالله بن زبير رضه جي زوجه هئي. جڏهن حضرت عبدالله بن زبير رضه شهيد ڪيو ويو ته زيد رح پنهنجي ڀيڻ کي مڪي کان مديني ڏانهن وٺي ويو.

## "ڏسو شيعن جا هيٺيان ڪتاب"

(١) ناسخ التواريخ ج٢ ص٢٧١ زندگاني امام حسن مجتبيٰ - ايران
(٢) منتهي الآمال ج١ ص٢٤٣ ذکر اولاد امام حسن رضه - ايران .
(٣) عمدة الطالب ص٦٨ عقب حسن بن علي رضه، مطبوعه نجف عراق

محترم ناظرين ڪرام کي معلوم هجي ته حضرت عبدالله بن زبير رضه، بي بي اسماء بنت ابي بکر رضه جو فرزند آهي. هتان ثابت ٿيو ته عبدالله بن زبير رضه، حضرت حسن رضه جو ڄاٽو هو. اهوئي عبدالله بن زبير، حضرت جعفر صادق رح جو مائٽيءَ ۾ مامو ٿئي ٿو.

## خلاصه ڪلام

مٿين حوالن مان هيٺيون ڳالهيون ثابت ٿيون:

(١) حضرت ابوبڪر صديق رضه، حضور صلي الله عليه وسلم جو سهرو آهي.

(٢) حضور صلي الله عليه وسلم جن اُم المؤمنين بي بي عائشه صديقه رضه کي نڪاح ۾ قبول ڪري، ان جي فضيلت ۽ عزت ظاهر ڪئي.

(٣) حضرت ابوبڪر صديق رضه، حضرت جعفر صادق رح جو نانو آهي.

(٤) حضرت علي المرتضيٰ رضه، پنهنجي ڀاڄائي اسماء بنت عُميس رضه، حضرت ابوبڪر صديق رضه کي نڪاح ۾ ڏيئي. ان جي ڪامل ايمان جي تصديق ڪئي ته حضرت ابوبڪر رضه نفاق کان

پاڪ ۽ صاف آهي.

(٥) حضرت ابوبڪر صديق رضه جو فرزند عبدالرحمٰن رضه، حضرت امام حسن رضه جو سهرو آهي.

(٦) حضرت صديق اڪبر رضه جو ڏهٽو حضرت عبدالله بن زبير رضه، امام حسن رضه جو ڇاٽو هو.

(٧) حضرت عبدالله بن زبير رضه، حضرت جعفر صادق رح جو مامو آهي.

مذڪوره مٿي مائٽيءَ جي تعلقات مان ظاهر آهي ته حضرت ابوبڪر صديق رضه ۽ سندس خاندان، مٿي مائٽيءَ ۾ اهل بيت سان بلڪل قريب آهي. سندن درميان ڪا به ڪشيدگي نه هئي، بلڪ پيار ئي پيار هو.

# باب ٻيو

# خليفہ ثاني

## حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جا، حضرت نبي ڪريم ﷺ ۽ سندن اهل بيت سان مٽي مائٽيءَ جا تعلقات

## (پهرين مائٽي)

## حضرت عمر فاروق رضي الله عنه، نبي ڪريم ﷺ جو سهرو آهي

حضرت عمر فاروق رضہ جي نياڻي "حفصہ رضہ" سن ۳ هجري ۾ حضرت رسول الله ﷺ جي نڪاح هيٺ آئي. شيعہ خاص ڪري حضور ﷺ جي ٻن ٻيبين ام المؤمنين عائشه صديقه ۽ ام المؤمنين بي بي "حفصہ" رَضِيَ اللهُ عَنۡهُمَا جي سخت مخالفت ڪندا آهن. انهن ٻيبين سڳورين جو نڪاح حضور صلي الله عليه وسلم سان نبوت واري زماني ۾ ٿيو آهي. جي انهن ۾ ذرو بہ نفاق هجي ها تہ وحيءَ جي ذريعي ڪين اهڙي نڪاح کان منع ڪئي وڃي ها. ان مان ثابت ٿيو تہ حضور ﷺ جون ٻيبيون نفاق کان پاڪ ۽ صاف آهن. الله تعاليٰ ازواج النبي ﷺ بابت فرمائي ٿو:

اَزۡوَاجُـهٗۤ اُمَّهَاتُـهُمۡ (سورت الاحزاب) — نبيءَ جو ٻيبيون مؤمنن جون مائرون آهن.

اسان کي گهرجي تہ انهن جو ادب ۽ احترام ڪريون.

# (ٻي مائٽي)

## حضرت امام عمر فاروق رضہ (المتوفي سن٢٣ھ) حضرت امام علي المرتضيٰ رضہ جو ڄاٽو (نياٽو) آهي

محترم قارئين ڪرام! رحمةٌ لِّلْعَالَمِيْنَ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جي پياري نياڻي، لختِ جگر، سيدة فاطمة الزهريٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو نڪاح، حضرت علي المرتضيٰ سان سن ٢ هجريءَ ۾ ٿيو. جنهن مان حسن، حسين، محسن، زينبؑ ۽ ام ڪلثوم رضي الله عنهم اولاد ٿي. ام ڪلثوم رضہ جيڪا حضرت امام حسين رضہ جي سڳي ڀيڻ هئي، ان جو نڪاح حضرت عمر بن خطاب رضہ سان سندس خلافت جي زماني ۾ ٿيو آهي. ان نڪاح کي ڪتب فريقين (شيعہ سُني) سڄ جيان چمڪائي رهيا آهن. حضرت فاروق رضہ جي وفات کان پوءِ حضرت علي رضہ پنهنجي پياريءَ نياڻي ام ڪلثوم رضہ کي عدت ۾ ويهارڻ لاءِ پڻ گهر وٺي آيو. ان کان پوءِ سندس نڪاح محمد بن جعفر بن ابي طالب رضہ سان ٿيو. مان هتي سمورن ڪتابن جون عبارتون پيش نٿو ڪريان. صرف انهن ڪتابنَ جي نالن جي لسٽ پيش ڪريان ٿو، جن ۾ ان نڪاح جو ذڪر آيل آهي. اهل سنت و جماعت جي ڪيترن ئي معتبر ڪتابن ۾ ان نڪاح جي وضاحت آيل آهي. مثال طور: بخاري ڪتاب الجهاد ۽ ڪتاب المغازي، نسائي شريف ڪتاب الجنائز، دارقطني ڪتاب الجنائز، بيهقي ڪتاب النڪاح وغيرهم. هتي صرف نسائيءَ جي عبارت پيش ڪجي ٿي:

حضرت نافع رح کان روايت آهي تہ حضرت عبدالله بن عمر رضہ هڪ ڀيري نَوَ جنازا گڏي پڙهايا، انهن ۾ ام ڪلثوم بنت علي رضہ جو بہ جنازو هو.

وُضِعَتْ جَنَازَةُ اُمِّ كُلْثُوْمٍ بِنْتِ عَلِيٍّ اِمْرَاَةِ عُمَرَ بْنِ الْخَطَّابِ — ام ڪلثوم بنت علي رضہ، جيڪا حضرت عمر بن خطاب رضہ جي

اولاد مخدره - مطبوعه ايران. (ڏسو عڪس ص ١٣٢)

(١١) شيعن جو معتبر ڪتاب، لباب الانساب ص٣٣٧ اولاد الامام امير المؤمنين - مطبوعه ايران.

(١٢) شيعن جو معتبر ڪتاب، مراة العقول ج٢٠ ص٤٥ باب تزويج ام ڪلثوم - ايران.

(١٣) شيعن جو معتبر ڪتاب، عمدة الطالب في انساب آل ابي طالب ص٦٣ عقب امير المؤمنين.

(١٤) شيعن جو معتبر ڪتاب، مناقب آل ابي طالب ج٣ ص٣٠٤ في ازواجه و اولاده - قم ايران.

(١٥) شيعن جو معتبر ڪتاب، منتهي الآمال ج١ ص١٨٦ فصل ششم در ذڪر اولاد امير المؤمنين.

(١٦) شيعن جو معتبر ڪتاب، مجالس المؤمنين ج١ ص١٩٥ محمد بن جعفر طيار رضہ - ايران.

(١٧) شيعن جو معتبر ڪتاب، رسائل الشريف المرتضيٰ ج٣ ص١٤٩ مسالة انڪاح امير المؤمنين ابنته.

(١٨) شيعن جو معتبر ڪتاب، الانوار النعمانيه ج١ ص٣٧١ نور في احوال الائمه - ايران

(١٩) شيعن جو معتبر ڪتاب، طراز المذهب مظفري ص٥٢-٥٣ مطبوعه بمبئي انديا

(٢٠) شيعن جو معتبر ڪتاب، نزل الابرار في مناقب اهل البيت الاطهار ص٧٨ مطبوعه ايران.

(٢١) شيعن جو معتبر ڪتاب، مسالڪ الافهام في شرح شرائع الاسلام ج١ ص٣٩٨ في الواحق العقد.

(٢٢) شيعن جو معتبر ڪتاب، مسالڪ الافهام الي آيات الاحڪام ج٣ ص٢٤٤ في لوازم النڪاح.

(٢٣) شيعن جو معتبر ڪتاب، اعيان الشيعه ج٣ ص٤٨٥ بيروت - لبنان.

(٢٤) شيعن جو معتبر ڪتاب، تلخيص الشافي ص١٦٠ مطبوعه قم، ايران.

Scanned by CamScanner

(٢٥) شيعن جو معتبر ڪتاب، خزينة الانبياء، بحواله طراز المذهب مظفري ص٥٩.
(٢٦) شيعن جو معتبر ڪتاب، تاريخ يعقوبي ج٢ ص١٤٩ مطبوعه بيروت
(٢٧) شيعن جو معتبر ڪتاب، تذڪرة الائمه ص٦٥ تاليف باقر مجلسي.
(٢٨) شيعن جو معتبر ڪتاب، تنقيح المقال في علم الرجال ج٣ ص٧٣ من فصل النسآء.
(٢٩) شيعن جو معتبر ڪتاب، حديقة الشيعه ص٢٧٧ مطاعن خلفآي عمر رضہ - ايران
(٣٠) شيعن جو معتبر ڪتاب، امام حسين و يوم عاشورا ص٤٩ مطبوعه در التوحيد ايران.
(٣١) شيعن جو معتبر ڪتاب، ابن ابي الحديد شرح نهج البلاغه ج٣ ص١٢٤ ترويج عمر بام ڪلثوم.
(٣٢) شيعن جو معتبر ڪتاب، فصل الخطاب ڪرماني ص٧٩٧ ڪتاب النڪاح وما يتعلق به.
(٣٣) شيعن جو معتبر ڪتاب، ڪتاب الشافي مع تخليص الشافي ص١١٤ مطبوعه ايران.
(٣٤) شيعن جو معتبر ڪتاب، صافي شرح اصول ڪافي ج٣ ص٢٨٢ باب شصت و يڪم - ايران.
(٣٥) شيعن جو معتبر ڪتاب، زندگاني چهارده معصوم ص١٣٨ تاليف محمد ابراهيم نامور طهراني - ايران.

**محترم قارئين!** شيعن جي ٣٥ معتبر ڪتابن مان، اسان مختصر طور ٿورن ڪتابن جون عبارتون پيش ڪريون ٿا تہ جيئن اوهان کي قلبي اطمينان اچي وڃي.

● عن سليمان بن خالد قال: سالت ابا عبدالله عليه السلام

سليمان بن خالد روايت ڪري ٿو تہ مان امام جعفر صادق عليه السلام کان هڪ عورت جي باري

عن امراة توفي عنها زوجها اين تعتد، في بيت زوجها تعتد او حيث شـآءت، قـال بل حـيث شآءت، ثم قال: ان عليا عليه السلام لما مات عـمر اتيٰ الي ام كلثوم فاخذ بيدها فانطلق بها الي بيته

۾ مسئلو پڇيو، جنهن جو مڙس مري ويو هجي، تہ اها عورت عدت ۾ ڪٿي رهي؟ پنهنجي مڙس جي گهر ۾ گذاري يا جتي گهري؟ امام فرمايو تہ جتي گهري. ان کان پوءِ فرمايائون تہ حضرت علي رضہ، حضرت عمر رضہ جي وفات کان پوءِ ام ڪلثوم کي عدت ۾ ويهارڻ لاءِ کيس هٿ کان وٺي پنهنجي گهر آيو.

(١) فروع كافي ج٦ ص١١٥ كتاب الطلاق مطبوعه ايران.
(٢) الاستبصار ج٣ ص٣٥٢ باب المتوفي عنها زوجها
(٣) تهذيب الاحكام ج٨ ص١٦١ في عدد النسآء

● اخبرنا عبدالله اخبرنا محمد حدثني موسيٰ قال حدثنا ابي عن ابيه عن جده جعفر بن محمد عن ابيه عن جده، ان عليا نقل ابنته ام كلثوم في عدتها حيث مات زوجها عمر بن الخطاب لانها كانت في دارالامارة

(بحذف اسناد) حضرت جعفر صادق رح روايت ڪئي تہ حضرت علي رضہ پنهنجي نياڻيءَ ام ڪلثوم کي سندس عدت ۾ (ويهارڻ لاءِ) گهر وٺي آيو. جڏهن سندس مڙس عمر بن خطاب رضہ وفات ڪري ويو، اها ان وقت دار الخلافة ۾ هئي.

الجعفريات مع قرب الاسناد ص١٠٩ باب النفقة علي الحامل المتوفي عنها زوجها د ڏسو عڪس ص١٤٢)

● عن جعفر عن ابيه قال: ماتت ام كلثوم بنت علي عليه

حضرت جعفر صادق رح پنهنجي والد حضرت محمد باقر رح کان

السلام وابنهـا زيد بن عمر بن الخطاب في ساعة واحدة

ڏسو تهذيب الاحكام ج٩ ص٣٦٢ باب ميراث الغرقي – مطبوعه ايران (عڪس ص١٢٨-١٢٩)

روايت ٿو ڪري تہ ام ڪلثوم رح، حضرت علي رضہ جي نياڻي ۽ سندس پٽ زيد بن عمر بن خطاب رضہ هڪ ئي وقت وفات ڪري ويا.

• عن عمار بن ياسر قال: اخرجت جنازه ام كلثوم بنت علي وابنها زيد بن عمر، وفي الجنازة الحسن والحسين وعبدالله بن عمر وعبدالله بن عباس و ابوهريرة فوضعوا جنازة الغلام مما يلي الامام والمراة ورآئه، وقالوا هذا هو السنة

وسآئل الشيعه ج١ ص٨١١ ابواب صلواة الجنائز مطبوعہ بيروت (عڪس ص١٣٦)

(شيخ حُر) حضرت عمار بن ياسر رضہ کان روايت نقل ڪري ٿو تہ ام ڪلثوم بنت علي رضہ ۽ ان جي پٽ زيد بن عمر جو جنازو ڪڍيو ويو. جنازي نماز ۾ حضرت حسن رضہ، حضرت حسين رضہ، حضرت عبدالله بن عمر رضہ، حضرت عبدالله بن عباس رضہ ۽ حضرت ابوهريره رضہ شريڪ ٿيا. انهن زيد جو جنازو امام جي قريب ۽ عورت (ام ڪلثوم) جو جنازو ان جي پٺيان رکيو ۽ فرمايائون هيءَ سنت آهي.

• شيعن جو مؤرخ ميرزا محمد تقي سپهر (المتوفي سن١٢٩٧هـ) لکي ٿو:

ام کلثوم دختر علي عليه السلام بعد از قتل عمر بن الخطاب بحباله نكاح محمد بن جعفر در آمد ناسخ التواريخ ج٤ ص١١٨ اسامي اصحاب رسول ﷺ ايران

ام ڪلثوم نياڻي حضرت علي عليہ السلام جي، حضرت عمر رضہ جي شهادت کان پوءِ محمد بن جعفر جي نڪاح ۾ آئي.

• شيعن جو رڪن الاسلام محمد هاشم بن محمد علي خراساني (المتوفي سن١٣٥٢هـ) لکي ٿو:

Scanned by CamScanner

واما جناب ام كلثوم بنت فاطمه اين مخدره اسم شريفش رقية الكبريٰ بود، چنانچه در عمدة الطالب است واو نيز خيلي جلالت قدر داشت و زوجہ عمر بن الخطاب بود (منتخب التواريخ ص١١٣)

جناب ام كلثوم بنت فاطمه رضہ ان پرده نشين جو اصل نالو رقيہ هو. اهڙي طرح كتاب عمدة الطالب ۾ لکيل آهي. هيءَ وڏي شان واري هئي ۽ عمر بن خطاب رضہ جي زوجہ هئي.

• ابن شهر آشوب (وفات سن٥٨٨هہ) ۽ شيخ عباس قمي (وفات سن١٣٥٩هہ) لکن ٿا:

فولد من فاطمه عليها السلام الحسن والحسين والمحسن (سقط) وزينب الكبريٰ و ام كلثوم نِ الكبريٰ تزوجها عمر مناقب آلِ ابي طالب ج-٣ ص ٣٠٤ منتهى الامال

حضرت فاطمه رضہ مان حسن رضہ، حسين رضہ، محسن رضہ، زينب كبريٰ ۽ ام كلثوم كبريٰ رضہ پيدا ٿيا. ان (ام كلثوم) سان حضرت عمر رضہ شادي كئي.

## مقام فكر

هن باب مان هيٺيون ڳالهيون ثابت ٿيون:

(١) حضرت عمر فاروق رضہ، نبي اكرم صلي الله عليه وسلم جو سهرو آهي.

(٢) حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن بي بي حفصه رضي الله عنها كي پنهنجي نكاح ۾ قبول كري، مٿس ايمان جي تصديق جي مُهر هڻي ڇڏي ته حفصه رضہ نفاق كان پاك ۽ صاف آهي.

(٣) حضرت علي المرتضيٰ رضہ پنهنجي نياڻي، حضرت عمر فاروق رضہ كي نكاح ۾ ڏيئي ان جي كامل ايمان جي شاهدي ڏني ته عمر رضہ نفاق كان پاك آهي. جيكڏهن كيس فاروق رضہ جي ايمان ۾ ذرو بہ شڪ هجي ها ته پنهنجي نياڻي كيس نكاح ۾ هرگز نہ

ڏني ها. ڇاڪاڻ تہ اسلام ۾ ڪنهن بہ مؤمنياڻيءَ جو نڪاح، ڪنهن ڪافر، مشرڪ يا منافق سان جائز نہ آهي.

(۴) هن نڪاح جون روايتون امام محمد باقر ۽ امام جعفر صادق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِمَا کان منقول آهن. هن نڪاح مان ثابت ٿيو تہ حضرت عمر فاروق رضہ ۽ حضرت علي شير خدا رضہ جا پاڻ ۾ محبت ۽ پيار جا تعلقات هئا.

ڪي ضدي شيعہ چوندا آهن تہ حضرت عمر فاروق رضہ جي خلافت جو دور هو، ام ڪلثوم رضہ کي زوريءَ کڻي ويو. اها تہ شرم جهڙي ڳالهہ آهي. ان ڳالهہ کي ڪير تسليم ڪندو؟ اهڙي عقيدي رکڻ سان حضرت علي رضہ جي غيرت ۽ شجاعت تي پڌرو حملو آهي. ڪهڙي بہ ڪمزور انسان سان اهڙو واقعو ٿئي تہ ڇا اُهو خاموش ٿي ويهندو؟ "هرگز نہ" بلڪ سر ڌڙ جي بازي لڳائي، پنهنجي نياڻيءَ جي عزت ۽ عصمت مٿان جان بہ قربان ڪري ڇڏيندو. ڇا حضرت علي المرتضيٰ رضہ کان زوريءَ ڪسي ويو؟ پوءِ ڀلا خاموش ڇو رهيو؟ ترار ڇونہ اُپي ڪيائين؟

حقيقت هي آهي تہ هن نڪاح کي تسليم ڪرڻ سان شيعن تي پهاڙ ٽُٽو ڪري جو ڪين پيهين ٿو ڇڏي. جيڪڏهن هن نڪاح کي تسليم ٿا ڪن تہ پوءِ ڪين ضرور مڃڻو پوندو تہ حضرت علي رضہ ۽ حضرت عمر فاروق رضہ جا پاڻ ۾ محبت ۽ قرب جا تعلقات هئا. شيعن کي گهرجي تہ حضرت عمر فاروق کي مؤمن تسليم ڪن، نہ تہ ان انڪار ڪرڻ سان، حضرت علي رضہ جي ايمان، غيرت، شجاعت ۽ خلافت تي پڌرو حملو آهي.

Scanned by CamScanner

# باب ٽيون

# خليفہ ثالث

## حضرت عثمان رضہ (المتوفي سن٣٥ھ) ۽ ان جي اولاد جو حضور ﷺ ۽ سندن اهل بيت سان مٽي مائٽيءَ جا تعلقات

## (پهرين مائٽي)

### حضرت عثمان رضي الله عنه،حضور ﷺ جو ڄاٽو آهي

حضرت عثمان غني رضہ کي، حضور صلي الله عليہ وسلم جون ٻہ نياڻيون رقيہ ۽ ام ڪلثوم رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا، قرآن جي نُزُولَ واري زماني ۾ نڪاح هيٺ آيون آهن. انهيءَ ڪري ڪيس "ذُوالنُّوْرَيْنِ" يعني ٻن نورن وارو سڏجي ٿو. بي بي رقيہ رضہ جي وفات ڪان پوءِ، ام ڪلثوم رضہ سان مديني منوره ۾ نڪاح ٿيو. جڏهن ام ڪلثوم رضہ بہ وفات ڪري ويئي تہ حضرت رسول الله صلي الله عليہ وسلم کي ڏاڍو ڏک پهتو. صحابہ ڪرام رضہ کي مخاطب ٿي فرمايائون تہ جيڪڏهن مون کي چاليهہ نياڻيون هجن ها تہ عثمان رضہ جي نڪاح ۾ هڪ ٻئي پنيان ڏيندو رهان ها. ڪي بي علم شيعا چون ٿا تہ نبي اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن کي رڳو هڪ نياڻي فاطمة الزهريٰ رضہ هئي، جنهن جو نڪاح حضرت علي المرتضيٰ رضہ سان ٿيو آهي. باقي ٻيون نياڻيون ڪين آهن ئي ڪونہ. هي سمجهن ٿا تہ ان نڪاح جي قبول ڪرڻ سان حضرت عثمان رضہ کي داماد رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي عزت ۽ عظمت جو شرف حاصل ٿئي ٿو. ان ڪري سندن حضرت عثمان رضہ جي دشمنيءَ ۾ جيرو جلي ٿو. حق آهي تہ سچ ڪاري هيڻان لڪي نٿو سگهي. حضرت صلي الله عليہ

وسلم جن کي چار نياٽيون هيون: زينب، رقيہ، ام ڪلثوم ۽ فاطمہ رَضِيَ اللهُ عَنهُنَّ. انهن مان رقيہ ۽ ام ڪلثوم رضہ جو نڪاح، حضرت عثمان رضہ سان ٿيو آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي حضور صلي الله عليہ وسلم جي چئن نياٽين جو ذڪر خير تفصيل سان ڏسڻو آهي تہ منهنجي رسالي "بَنَات النبي ﷺ" جو انتظار ڪري. مان ان ۾ چئن نياٽين جو تفصيل ڪُتُب فَرِيُقَيۡنِ (شيعہ، سُني) مان اَظۡهَرُ مِنَ الشَّمۡسِ ثابت ڪيو آهي. اميد تہ هن رسالي جي شايع ٿيڻ سان، نبي اڪرم صلي الله عليہ وسلم جي نياٽين جا منڪر، قيامت تائين شڪست کائي ڪنڌ ڪٽي نہ سگهندا. انشاءالله.

هيٺئر شيعن جي ڪتابن جي لسٽ حاضر آهي، جن ۾ رقيہ، زينب ۽ ام ڪلثوم رضي الله عنهن جا اسماء گرامي موجود آهن. ڪن ڪتابن ۾ هڪ نالو مليو ٿو. ڪن ۾ ٻہ، تہ وري ڪن ۾ ٽئي نالا نروار آهن. مطلب تہ ٽن نياٽين جا نالا ضرور آهن. شيعہ ضد ۽ عناد ۾ اچي ٽنهي جو انڪار ڪن ٿا.

## ڏسو شيعن جا معتبر ڪتاب

(١) شيعن جو معتبر ڪتاب، قرب الاسناد ص٧ مطبوعہ ايران.

(٢) شيعن جو معتبر ڪتاب، خصال شيخ صدوق ج١ ص١٦٧ مطبوعہ ايران.

(٣) شيعن جو معتبر ڪتاب، الانوار النعمانيہ ج١ ص٣٦٧ نور في مولود النبي ﷺ - ايران.

(٤) شيعن جو معتبر ڪتاب، اعلام الوريٰ ص١٤٠ - ١٤١ ذڪر ازواجُ النبي ... مطبوعہ ايران.

(٥) شيعن جو معتبر ڪتاب، وسائل الشيعہ ج٧ ص١٧٨

(٦) شيعن جو معتبر ڪتاب، تفسير مجمع البيان طبرسي ج٣ ص٢٣٣ مطبوعہ ايران.

(٧) شيعن جو معتبر ڪتاب، بحار الانوار ج٢٢ ص١٥١ باب عدد اولاده عليہ السلام - مطبوعہ ايران.

(٨) شيعن جو معتبر ڪتاب، مجالس المؤمنين ج١ ص٢٠٤ مطبوعہ ايران.

Scanned by CamScanner

(٩) شيعن جو معتبر ڪتاب، منتهي الآمال ج١ ص١٠٨ فصل ششم - مطبوعه ايران.

(١٠) شيعن جو معتبر ڪتاب، ناسخ التواريخ ج٣ ص٢٦٨ ذکر ازواج واولاد عثمان - ايران.

(١١) شيعن جو معتبر ڪتاب، نهج البلاغه ج٢ ص٣٢٢ مطبوعه مصر شارح شيخ عبده.

(١٢) شيعن جو معتبر ڪتاب، رجال ڪشي ص١٤٢ تذڪره زراره بن اعين - نجف عراق.

(١٣) شيعن جو معتبر ڪتاب، تنقيح المقال في علم الرجال ج٣ ص٧٧-٧٨ من فصل النسآء

(١٤) شيعن جو معتبر ڪتاب، حيات القلوب ج٢ ص٥٨٨ باب پنجاه و يڪم - ايران.

(١٥) شيعن جو معتبر ڪتاب، مراة العقول ج٥ ص١٨٠ - ١٨١ ڪتاب الحجہ - ايران.

(١٦) شيعن جو معتبر ڪتاب، اصول ڪافي ج١ ص٤٣٩ ڪتاب الحجة، باب مولود النبي ﷺ - ايران.

(١٧) شيعن جو معتبر ڪتاب، تهذيب الاحڪام ج٣ ص١٢٠ الدعا في ڪل يوم من شهر رمضان - ايران.

(١٨) شيعن جو معتبر ڪتاب، امالي شيخ طوسي ج١ ص٤٢ مطبوعه قم - ايران.

(١٩) شيعن جو معتبر ڪتاب، منتخب التواريخ ص٢٧ در حالات زوجات پيغبر ... - ايران.

(٢٠) شيعن جو معتبر ڪتاب، فيض الاسلام شرح نهج البلاغة ص٥٢٨ طبع ايران.

(٢١) شيعن جو معتبر ڪتاب، الاستبصار ج١ ص٤٨٥ باب صلواة الجنائز مطبوعه ايران.

(٢٢) شيعن جو معتبر ڪتاب، من لا يحضره الفقيہ ج٤ ص١٤٦ باب الوصية - ايران.

Scanned by CamScanner

(٢٣) شيعن جو معتبر ڪتاب، نزل الابرار في مناقب اهل البيت الاطهار ص٧٥ ايران.

(٢٤) شيعن جو معتبر ڪتاب، ذبح عظيم ص٧٧-٧٨ مطبوعه لاهور.

(٢٥) شيعن جو معتبر ڪتاب، تذڪره المعصومين ص٣-٤ مطبوعه جهنگ.

(٢٦) شيعن جو معتبر ڪتاب، مسالڪ الافهام في شرائع الاسلام ج١ ص٣٩٨ قم - ايران.

(٢٧) شيعن جو معتبر ڪتاب، قصص الانبياء از آدم تا خاتم ج٢ ص٠ ٨٥ ايران

(٢٨) شيعن جو معتبر ڪتاب، نقش عائشة رضہ ص١٤٣ ذڪر عثمان بن عفان رضہ.

(٢٩) شيعن جو معتبر ڪتاب، مفاتيح الجنان ص٢١٢ اعمال ايام شهر رمضان، بيروت.

(٣٠) شيعن جو معتبر ڪتاب، شجرة طوبيٰ ج٢ ص٢٣٨ مطبوعه نجف عراق.

(٣١) شيعن جو معتبر ڪتاب، زندگاني حضرت فاطمه رضہ ص١٨٣ طبع جهنگ پاڪستان.

(٣٢) شيعن جو معتبر ڪتاب، طراز المذهب مظفري ص٦٠-٦٣ مطبوعه بمبئي انڊيا.

(٣٣) شيعن جو معتبر ڪتاب، فاطمه فاطمه هے ص١٦١ - ١٦٢ مطبوعه ڪراچي.

(٣٤) شيعن جو معتبر ڪتاب، چهار ده معصوم ج١ ص٢٢٤ تاليف حسين عماده زاده - ايران.

(٣٥) شيعن جو معتبر ڪتاب، اعيان الشيعه ج٣ ص٤٨٧ تذڪره ام ڪلثوم بنت محمد صلي الله عليه وسلم

(٣٦) شيعن جو معتبر ڪتاب، سفينة البحار ص٣٧٩ باب تزويج رسول الله صلي الله عليه وسلم

Scanned by CamScanner

(٣٧) شيعن جو معتبر ڪتاب، ڪشف الغمه ج١ ص٤٤٢ ذڪر اولاده الذڪور والاناث - عراق.

(٣٨) شيعن جو معتبر ڪتاب، مناقب آل ابي طالب ج١ ص١٦٢ فصل في اقربائه وخدامه عليه السلام.

(٣٩) شيعن جو معتبر ڪتاب، تحفة العوام ص١١٣ باب ١٧ مطبوعه نولڪشور انڊيا.

(٤٠) شيعن جو معتبر ڪتاب، ڪتاب سليم بن قيس هلالي ص٢٥٥ مطبوعه قم - ايران.

(٤١) شيعن جو معتبر ڪتاب، جلاء العيون ج١ ص٢٢٤ زندگاني فاطمه عليها السلام - ايران.

(٤٢) شيعن جو معتبر ڪتاب، حق اليقين ص٢٧٤ ذڪر عثمان بن عفان رضه - ايران.

(٤٣) شيعن جو معتبر ڪتاب، مروج الذهب للمسعودي ج٢ ص٣٣١ ذڪر عثمان بن عفان رضه.

(٤٤) شيعن جو معتبر ڪتاب، تفسير منهج الصادقين ج٤ ص٤٥٧ زير آيت هولآءِ بناتي - ايران.

(٤٥) شيعن جو معتبر ڪتاب، تفسير صافي ج١ ص٣٢٧ سورة النساء آيت نمبر ١ - ايران.

(٤٦) شيعن جو معتبر ڪتاب، اخبار ماتم ص٨٥ تاليف محمد حسن بن محمد علي طبع رامپور انڊيا.

(٤٧) شيعن جو معتبر ڪتاب، تذڪرة الائمه ص٢٦ تاليف باقر مجلسي (المتوفي سن١١١١هـ)

(٤٨) شيعن جو معتبر ڪتاب، ابن ابي الحديد شرح نهج البلاغه ج١٥ ص١٩٥ بيروت.

(٤٩) شيعن جو معتبر ڪتاب، الڪني والالقاب ج١ ص١١٤ ذڪر ابو العاص - طبع بيروت.

(٥٠) شيعن جو معتبر ڪتاب، التنبيه والاشراف للمسعودي ص٢٥٥ ذڪر خلافت عثمان - مصر

Scanned by CamScanner

(٥١) شيعن جو معتبر ڪتاب، عورت پردے کي آغوش مين ص٢٠١ مطبوعه ڪراچي
(٥٢) شيعن جو معتبر ڪتاب، بيت الاحزان في ذکر سيده نسآء العالمين ص١٣٣ ايران
(٥٣) شيعن جو معتبر ڪتاب، حمله حيدري ڪرماني ص٣١ متولد شدن دختران پيغمبر از خديجه رضہ.
(٥٤) شيعن جو معتبر ڪتاب، فصل الخطاب ص١٢٥ ڪتاب نوادر الحکمة والعلوم - ايران
(٥٥) شيعن جو معتبر ڪتاب، لباب الانساب ص٣٣٧ اولاد امام اميرالمؤمنين طبع ايران.
(٥٦) شيعن جو معتبر ڪتاب، عوالم العلوم ص٦١ تاليف شيخ عبدالله الحراني الاصفهاني - ايران.
(٥٧) شيعن جو معتبر ڪتاب، رسائل الشريف المرتضيٰ ج٣ ص١٤٩ مطبوعه ايران.
(٥٨) شيعن جو معتبر ڪتاب، مسکن الفواد ص٩٥ تاليف زين الدين شهيد ثاني - قم - ايران.
(٥٩) شيعن جو معتبر ڪتاب، مجمع الفائدة والبرهان ج٢ ص٤٧٠ مطبوعه قم - ايران.
(٦٠) شيعن جو معتبر ڪتاب، فاطمة الزهرآء رضہ ص١٠٥-٢٠٣ مطبوعه ڪراچي.
(٦١) شيعن جو معتبر ڪتاب، ڪتاب الوافي ج٢ ص٧٢٢ مطبوعه ايران.
(٦٢) شيعن جو معتبر ڪتاب، دروس من الثقافة الاسلامية ص١٤٦ قم - ايران.
(٦٣) شيعن جو معتبر ڪتاب، محمد قدوة واسوة ص١٦ مطبوعه ايران.
(٦٤) شيعن جو معتبر ڪتاب، العقائد الجعفريه ص٢٥ مطبوعه قم - ايران.

Scanned by CamScanner

(٦٥) شيعن جو معتبر ڪتاب، زينب الڪبريٰ بنت امير المؤمنين ص٣٦ طبع قم - ايران.
(٦٦) شيعن جو معتبر ڪتاب، الزواج الاول لمحمد صلي الله عليه وسلم ص١١ طبع قم - ايران.
(٦٧) شيعن جو معتبر ڪتاب، تاريخ اسلام ص١٩١ مطبوعه ڪراچي.
(٦٨) شيعن جو معتبر ڪتاب، رياض السالڪين ج١ ص٤٣٢ مطبوعه قم - ايران.
(٦٩) شيعن جو معتبر ڪتاب، فاطمة الزهرآء قدوة و اسوة ص١٦ قم - ايران.
(٧٠) شيعن جو معتبر ڪتاب، المجالس السنيه ص٤٥ مطبوعه قم - ايران.
(٧١) شيعن جو معتبر ڪتاب، زندگاني چهارده معصوم ص١٠٦ مطبوعه ايران تاليف نامور طهراني.

انهن ٧١ ڪتابن مان ٿورن ڪتابن جون عبارتون پيشِ خدمت آهن، جن مان ثابت ٿئي ٿو تہ حضرت عثمان بن عفان رضي الله عنه، حضور صلي الله عليه وسلم جن جو نياٽو آهي. سندن نڪاح ۾ رحمة للعالمين حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جون ٻہ نياٽيون آيون آهن.

• شيعن جو محدث شيخ عبدالله بن جعفر حميري قمي (المتوفي سن٢٩٢هہ) حضرت امام حسن عسڪري رح جو خاص شاگرد، هارون بن مسلم کان روايت ڪري ٿو:

قال وحدثني مسعدة بن صدقة قال حدثني جعفر بن محمد عن ابيه قال ولد لرسول الله صلي الله عليه وسلم من خديجة القاسم والطاهر و ام ڪلثوم و

چيائين تہ مون سان مسعده بن صدقه روايت ڪئي، ان چيو مون سان امام جعفر صادق رح، پنهنجي والد محمد باقر رح کان روايت ڪئي تہ حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم ڪي

Scanned by CamScanner

رقـيـة وفـاطمـة وزينب، فـتـزوج علي عليـه السـلام فـاطمـة عليها السلام وتزوج ابو العاص بن ربيـعـة وهو من بني امـيـة زينب وتزوج عـثـمـان بن عـفـان ام كلثوم ولم يدخل بها حتّيٰ هلكت وزوجه رسـول الله صلي الله عليه وسلم مكانـه رقيـة.

قرب الاسناد ص٦-٧ مطبوعـه ايران

(لاڳسو عڪس ص ١٣٩-١٤٠)

خديجه رضـ مان قاسم، طاهر، اُمُّ كلثوم، رقـيـه فـاطمـه ۽ زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهُمْ اولاد ٿي. فاطمة رضـ جو نڪاح حضرت علي رضـ سان ٿيو. زينب رضـ جو نڪاح، ابو العاص بن ربيع رضـ سان ٿيو. جيڪو بني اُميہ مان هو ۽ ام ڪلثوم جو نڪاح حضرت عثمان بن عفان رضـ سان ٿيو. ام ڪلثوم جي وفات ڪان پوءِ حضـور صلي الله عليـه وسلم جن ان جي جاءِ تي رقـيـه رضـ جو نڪاح حضرت عثمان رضـ سان ڪيو.

• شيعن جو شيخ عبدالله مامقاني، ماهر اسماء الرجال (المتوفي سن١٣٥١هـ) قـرب الاسناد جي حوالي سـان سـاڳئي روايت، سـاڳئي سند سان تنقيح المقال ج٣ ص٧٣ فصل النساء ۾ بہ دليل طور آندي آهي.

• شيعن جي محدث شيـخ عـبـاس قـمـي (المتوفي سـن١٣٥٩هـ) قـرب الاسناد جي حـوالي سـان، سـاڳئي روايت منتـهي الامـال ج١ ص١٠٨ فصل ششم - مطبوعـه ايران ۾ بہ آندي آهي.

• شيعن جي بزرگ باقر مجلسيءَ (المتوفي سن١١١١هـ) بہ ساڳئي روايت حـيـات القلوب ج٢ ص٥٨٨ باب پنجاه ويڪم مطبـوعـه ايران ۽ بحـار الانوار ج٢٢ ص١٥١ باب عـدد اولاده عليـه السـلام، مطبـوعـه بيروت ۾ بہ دليل طور پيش ڪئي آهي. هيءَ مضبوط ۽ صحيح روايت آهي، جنهن جا سڀ رواي شيعه ۽ انهن جي نزديڪ ثقه آهن.

• شيعن جو رئيس المحدثين شيخ صدوق قمي (المتوفي سن٣٨١هـ) روايت ڪري ٿو:

عن ابي عبدالله قال ولد لرسول الله صلي الله عليه وسلم من خديجة القاسم والطاهر وهو عبدالله وام كلثوم و رقية وزينب وفاطمة و تزوج علي بن ابي طالب فاطمة وتزوج ابوالعاص بن ربيع وهو رجل من بني امية زينب، وتزوج عثمان بن عفان ام كلثوم، فماتت ولم يدخل بها، فلما ساروا الي بدر زوجه رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم رقية، وولد لرسول الله صلي الله عليه وسلم ابراهيم من مارية القبطية

(خصال شيخ صدوق ج١ ص١٦٧حديث ٦٧ كان لرسول الله سبعة اولاد) عكس

حضرت جعفر صادق رحہ کان روايت آهي، فرمايائين: بي بي خديجه رضہ مان حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم کي ٻہ پٽ قاسم رضہ ۽ طاهر رضہ (عبدالله) ۽ (چار نياڻيون) ام ڪلثوم، رقيه، زينب ۽ فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنهُنَّ پيدا ٿيون. فاطمه رضہ جو نڪاح علي بن ابي طالب رضہ سان ٿيو ۽ زينب جو نڪاح ابو العاص بن ربيع رضہ سان ٿيو. جيڪو بني اميه مان هو. ام ڪلثوم جو نڪاح، حضرت عثمان بن عفان رضہ سان ٿيو. رخصتي کان پهريائين اها فوت ٿي ويئي. پوءِ حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن بدر جي موقعي تي رقيه رضہ جو نڪاح حضرت عثمان رضہ سان ڪيو ۽ حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم کي ماريه قبطيه رضہ مان ابراهيم رضہ پيدا ٿيو.

• شيعن جو شهيد ثالث، قاضي نور الله شوستري (المتوفي سن١٠١٩هہ) لکي ٿو:

اگر نبي دختر بہ عثمان داد ولي
دختر بعمر فرستاد

جيڪڏهن حضورﷺ جن پنهنجي نياڻي حضرت عثمان رضہ کي



نڪاح ۾ ڏني تہ (وري) علي المرتضيٰ پنهنجي نياڻي (ام ڪلثوم) عمر بن خطاب رضہ کي ڏني.

• شيعن جا بزرگ، شيخ ابو جعفر طوسي (المتوفي سن ٤٦٠هہ) ۽ شيخ حر العاملي (المتوفي سن ١١٠٤هہ) لکن ٿا:

قد زوج رسول الله صلي الله عليه وسلم ابا العاص بن الربيع وعثمان بن عفان و تزوج عائشة و حفصة وغيرهما
(رجال ڪشي ص١٤٢ تذڪره زراره بن اعين طبع عراق- وسائل الشيعه ج٧ ص٤٣٣مطبوعه بيروت - لبنان)

تحقيق حضرت رسول ﷺ جن حضرت ابوالعاص بن ربيع رضہ ۽ عثمان بن عفان رضہ کي پرڻايو ۽ (وري) پاڻ عائشة صديقه رضہ ۽ بي بي حفصه رضہ سان نڪاح ڪيو وغيرهما.

• شيعن جو مؤرخ ميرزا محمد تقي سپهر (المتوفي سن١٢٩٧هہ) لکي ٿو:

عثمان را در روزگار جاهليت و اسلام هشت زن بحبالہ نكاح در آمد، ازين جملہ دوتن دختران رسول خدا ﷺ بودند، يكي رقيہ و آن ديگر ام كلثوم
(ناسخ التواريخ ج٣ ص٢٦٨ ذکر ازواج و اولاد عثمان رضہ - ايران)

حضرت عثمان رضہ کي جاهليت ۽ اسلام واري زماني ۾ اٺ عورتون نڪاح ۾ آيون. انهن سيني ۾ بہ نياڻيون، حضرت رسول خدا ﷺ جون هيون هڪ رقيہ رضہ ۽ بي ام ڪلثوم رضہ.

• شيعن جي معتبر ۽ مستند ڪتاب نهج البلاغه ۾ آهي تہ حضرت علي رضہ، حضرت عثمان رضہ کي فرمايو:

انت اقرب الیٰ رسول الله صلي الله عليه وسلم وشيجة رحم

(عثمان!) تون رسول الله ﷺ کي مائٽي ڪري (ابوبڪر ۽ عمر رضہ) کان زياده ويجهو آهين.

منهما وقد نلت من صهره مالم ينالا

(نهج البلاغة ج١ ص٣٢٢ مطبوعه مصر، شارح شيخ عبده)

توکي رسول الله ﷺ جي ڄاٽي هجڻ جو شرف حاصل آهي، جيڪو انهن ٻنهي کي حاصل نہ آهي.

• شيعن جو مفسر القرآن ابو علي الفضل بن حسن طبرسي (المتوفي سن٥٤٨هـ) ۽ سندن محدث باقر مجلسي (المتوفي سن١١١١هـ) لکن ٿا:

فخرج اليها سرا احد عشر رجلا، واربع نسوة وهم عثمان بن عفان وامراته رقية بنت رسول الله صلي الله عليه وسلم

(تفسير مجمع البيان ج٢ ص٢٣٣مطبوعه قم - ايران- بحار الانوار ج١٨ ص٤١٢ تاريخ نبينا عليه السلام - بيروت)

حبش جي طرف ڳجهي طرح تي هجرت ڪرڻ وارا يارهن مرد ۽ چار عورتون نڪتا. جن ۾ عثمان بن عفان رضہ ۽ سندن زوجہ رقيہ بنت رسول الله ﷺ بہ هئي.

• شيعن جو محدث سيد نعمت الله الجزائري (المتوفي سن١١١٢هـ) ۽ ابو علي الفضل بن علي طبرسي (المتوفي سن٥٤٨هـ) لکن ٿا:

وقد كان عثمان هاجر الي الحبشة ومعه رقية، واما ام كلثوم فتزوج ايضا عثمان بعد اختها رقية وتوفيت عنده.

الانوار النعمانيه ج١ ص٣٦٧ نور في مولود النبي ﷺ - طبع ايران- اعلام الوريٰ باعلام الهديٰ ص١٤٠-١٤١ ذكر ازواج النبي ﷺ واولاده - ايران

جڏهن حضرت عثمان رضي الله عنه حبش ڏانهن هجرت ڪئي تہ ان سان گڏ رقيہ رضي الله عنها بہ هئي. ان جي وفات کان پوءِ سندس ڀيڻ ام ڪلثوم رضي الله عنها سان شادي ڪئي ۽ ان وٽ ئي وفات ڪيائين.

# حضرت عثمان بن عفان رضي الله عنه کي "ذُوالنُّوْرَيْنِ" چــو تـــا چون؟

## شيعن جي ڪتابن مان وضاحت

• شارح نهج البلاغہ، ابن ابي الحديد (المتوفي سن٦٥٦هہ) لکي ٿو:

قال شيخنا ابو عثمان ولما ماتت الابنتان تحت عثمان قال النبي صلي الله عليه وسلم لاصحابه ما تنتظرون لعثمان الا ابو ايم الا اخوايم زوجته ابنتين ولو ان عندي ثالثة لفعلت، قال: ولذالک سمي ذوالنورين

(ابن ابي الحديد شرح نهج البلاغة ج٢ ص٤٦٠ مطبوعہ بيروت)

اسان جي شيخ ابو عثمان چيو تہ جڏهن حضرت عثمان رضہ جي نڪاح ۾ هڪ ٻئي پٺيان اچڻ واريون ٻئي نبي ڪريم ﷺ جون نياڻيون وفات ڪري ويون تہ رسول الله ﷺ جن پنهنجي صحابہ رضہ کي فرمايو: توهان عثمان رضہ کي رَنَڙُ ٿا ڀانيو ڇا؟ مان ان کي پنهنجون ٻہ نياڻيون نڪاح ۾ ڏنيون، جيڪڏهن مون وٽ ٽين نياڻي بہ هجي ها تہ ان جي شادي عثمان رضہ سان ڪرايان ها. راويءَ چيو تہ ان ڪري حضرت عثمان رضہ کي "ذوالنورين" چون ٿا.

• شيعن جو مؤرخ شهير ميرزا محمد تقي سپهر (المتوفي سن١٢٩٧هہ) لکي ٿو:

رقيه باعثمان بحبشه هجرت کرد وچون در مدينه آمده وداع جهان گفت، عثمان بعد از او ام کلثوم راعقد بست واز اينروئے عثمان را "ذوالنورين" گفتند

(ناسخ التواريخ ج٣ص٣٣٨ آمدن خديجه در سرائے محمد ﷺ - ايران)

رقيه رضہ حضرت عثمان رضہ سان گڏ حبشه ڏانهن هجرت ڪئي. جڏهن مديني ۾ آئي تہ اُتي وفات ڪيائين. حضرت عثمان ان کان پوءِ ام ڪلثوم رضہ سان نڪاح ڪيو. ان ڪري ڪيس "ذوالنورين" چون ٿا.

• شيعن جو رکن الاسلام محمد هاشم خراساني مشهدي (المتوفي سن١٣٥٢هہ) لکي ٿو:

وامـا مـخدره مکرمـہ ام کلثـوم اسم شـريفش آمنـہ بود، وبعـد از رقـيه بعـثـمـان تزويج شـد، لهـذا عـثـمـان را "ذوالنورين" ميگويند

(منتخب التواريخ ص٢۴)

پر پرده نشين مکرمہ اُمِ کلثوم رضہ جو اسم شريفه آمنه هو. رقيہ رضہ جي وفات کان پوءِ، حضرت عثمان رضہ جي نڪاح ۾ آئي. ان ڪري حضرت عثمان رضہ کي "ذوالنورين" چون ٿا.

• شيعن جو بزرگ باقر مجلسي (المتوفي سن١١١١هہ) حضور صلي الله عليه وسلم جي ٽئن نياڻين جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ ٻہ نياڻيون حضرت عثمان رضہ جي نڪاح هيٺ آيون آهن.

اهل تسنن از اين جهت اِست کہ حضرت عثمان را "ذوالنورين" ميگويند.

(تذکره الائمہ ص٢٦ مطبوعہ ايران)

اهل سنت ان سبب ڪري حضرت عثمان رضہ کي "ذوالنورين" چون ٿا.

## حضرت عثمان رضہ جو نسبي تعلق نبي اکرم ﷺ ۽ علي المرتضيٰ رضہ جي ٽئين ڏاڏي عبد مناف سان ملي ٿو.

• حضور صلي الله عليه وسلم جو سلسلہ نسب:

محمد بن عبدالله بن عبدالمطلب بن هاشم بن عبد مناف

• حضرت علي المرتضيٰ جو سلسلہ نسب:

علي بن ابي طالب بن عبدالمطلب بن هاشم بن عبدمناف

• حضرت عثمان رضہ جو سلسلہ نسب:

عثمان بن عفان بن ابي العاص بن اميہ بن عبد شمس بن عبد مناف

عثمان بن عفان بن ابي العاص بن اميه بن عبد شمس بن عبد مناف

عــبـدمناف، نسب او بارســول خداي در عــبــد مناف پيوسـتہ شود

ان جوسلسلئہ نسب رسـول خدا صلي الله عليہ وسلم سـان عبد مناف ۾ ملي ٿو.

(ناسخ التواريخ ج٣ ص٨٨ مطبوعہ ايران
فيض الاسلام شرح نهج البلاغہ ص٥٢٨ مطبوعہ ايران)

## نقشہ سلسلئہ نسب حضرت محمد ﷺ عثمان رضہ و علي رضہ




## (بي مائٽي)

حضرت امام عثمان غني رضہ جي پٽ عبدالله بن عثمان رضہ، حضــرت امام حسيـن رضہ جي نيــاڻيءَ "ســـكينہ" رح ســان شادي كئي

• شيعن جو ركن الاسلام، شيخ محمد هاشم خراساني مشهدي (المتوفي سن١٣٥٢هہ) لكي ٿو:

واز اغاني ابو الفرج نقل شد کہ شوهر اول سکينہ جناب عبدالله بن الحسن المجتبيٰ (ع) بود قال فقتل عنها ولم يلد لہ وبعد از آنکہ آن بزرگوار روزِ عاشورا شهيد شد، مصعب بن زبير بن عوام آن مخدره راتزويج نمود ودر حبيب السير است کہ بعد از مصعب زوجہ عبدالله بن عثمان بن عفان شد.

(منتخب التواريخ ص٢۴٦ باب پنجم در ذکر اولاد سيد الشهداء طبع ايران)

اغاني ڪتاب کان نقل ڪيل آهي تہ سڪينہ جو پهريون مڙس حضرت عبدالله بن حسن مجتبيٰ هو. پوءِ لکي ٿو تہ اهو شهيد ٿي ويو. بي بي سڪينہ کي ان جي ڪابہ اولاد نہ ٿي. حضرت عبدالله بن حسن مجتبيٰ عاشورا جي ڏينهن شهيد ٿيو. (بعد ۾) حضرت مصعب بن زبير بن عوام بي بي صاحبہ سان شادي ڪئي. ڪتاب حبيب السير ۾ لکيل آهي تہ مصعب کان پوءِ بي بي صاحبہ رح حضرت عبدالله بن عثمان بن عفان رح جي نڪاح ۾ آئي.

## (ٽين مائٽي)

### حضرت امام عثمان غني رضہ جي پوٽي عبدالله بن عمرو بن عثمان رح، حضرت امام حسين رضہ جي نياڻيءَ "فاطمہ" رح سان شادي ڪئي

• شيعن جو شهيد ثاني زين الدين (المتوفي سن٩٧٧هہ) شرائع الاسلام جي شرح ۾ ڪن نڪاحن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

زوج النبي ابنتہ عثمان و زوج ابنتہ زينب بابي العاص بن الربيع وليستا من بني هاشم وکذالک زوج علي ن ابنتہ ام کلثوم من عمر و تزوج عبدالله

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي نياڻي، حضرت عثمان رضہ کي پرڻائي ۽ ابو العاص بن ربيع رضہ کي پنهنجي نياڻي زينب رح نڪاح ۾ ڏني. اهي ٻئي

Scanned by CamScanner

بن عمرو بن عثمان فاطمة بنت الحسين وتزوج مصعب بن الزبير اختها سكينة وكلهم من غير بني هاشم

(مسالک الافهام في شرح شرائع الاسلام ص٣٩٨ في لواحق العقد - طبع ايران)

(مرد) بني هاشم مان نہ هئا. اهڙيءَ طرح حضرت علي رضہ پنهنجي نياڻي ام كلثوم رح جو نكاح حضرت عمر رضہ سان كيو ۽ عبدالله بن عمرو بن عثمان، بي بي فاطمہ بنت حسين رضہ سان شادي كئي ۽ مصعب بن زبير رضہ فاطمه جي ڀيڻ سكينہ رح سان شادي كئي. اهي سڀ غير بني هاشم هئا.

●شيعن جو معتبر بزرگ، ابو الفرج اصفهاني (المتوفي ٣٥٦هہ) لکي ٿو:

وامه فاطمه بنت الحسين كان عبد الله بن عمرو بن عثمان تزوجها بعد وفات الحسن بن الحسن بن علي ن بن ابي طالب

مقاتل الطالبين ص ١٣٨ ذكر محمد بن عبدالله بن عمرو بن عثمان

(محمد بن عبدالله بن عمرو بن عثمان جي) والده فاطمه بنت حسين رضہ سان عبدالله بن عمرو بن عثمان رضہ، حضرت حسن مثنيٰ بن حسن بن علي بن ابي طالب جي وفات كان بعد ان سان شادي كئي.

● شيعن جو مؤرخ شهير ميرزا محمد تقي سپهر(المتوفي ١٢٩٧هہ) لکي ٿو:

فاطمہ دختر امام حسين عليه السلام بعد از فوت حسن مثني بحبالہ نكاح عبدالله بن عمرو بن عثمان بن عفان در آمد

حضرت حسن مثنيٰ جي وفات كان پوءِ، فاطمہ بنت حسين رضہ، عبدالله بن عمرو بن عفان سان شادي كئي.

(١) ناسخ التواريخ ج٢ ص٣٣٣ زندگاني امام حسين رضہ- مطبوعہ ايران
(٢) منتخب التواريخ ص٢٤٥ در ذکر سيد شهدآء - ايران
(٣) التنبيہ والا شراف ص٢٥٥ ذکر خلافت عثمان بن عفان - ايران
(٤) عمدة الطالب ص٩٩ المقصد الثاني، طبع نجف عراق

## (چوٿين مائٽي)

### حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي پٽ "ابان" جي شـادي، ام ڪلثوم بنت عبدالله بـن جعـفر بن ابي طالب سان ٿي.

و كـانت عنده ام كلثـوم بنت عبـد الله بــن جـعـفـر
(المعارف لابـن قتيبہ ص٢١٠ طبع دار المعارف مصر، بحوالہ تحفہ جعفريہ ج٢ ص٢١١)

حضرت ابان بن عثمان رضہ جي نڪـاح ۾ ام ڪلثـوم بنت عـبدالله بن جعـفر رضہ هئي (يعني جعـفـر طيـار رضہ جي پوٽي)

## (پنجين مائٽي)

### حضرت امام عثمان غني رضہ جي پوٽي مروان بن ابان رحہ ، حـضـرت امـام حـسن رضہ جي پوٽيءَ "ام القـاسم" سـان شـادي ڪئي.

وكـانت ام القـاسم بنت الحسن بن الحسن عند مروان بن ابان بن عـثمـان بن عـفـان فـولدت له محمد بن مروان
(كتاب نسب قريش ج ٢ ص ٥٣ بحوالہ تحفہ جعفريہ ج ص ٢٠٨)

"ام القـاسم" حسن مثنيٰ جي نياڻي مروان بن ابان بن عـثمان بن عـفان جي نڪاح ۾ هئي. ان کي ان مان محمد بن مروان پيدا ٿيو

# (ڇهين مائٽي)

## حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين (رضي الله عنهما) حضرت امام عثمان غني رضي الله عنه جا ڄاٽا هئا

• شيعن جو محدث ابن شهر آشوب (المتوفي ٥٨٨هہ) ۾ لکي ٿو:

فذكره الحسين عليه السلام خطبة الحسن عائشة وفعله (مناقب ال ابي طالب ج٤ ص٣٩ طبع قم ايران)

حضرت حسين رضي الله عنه عائشه نياڻي عثمان رضي الله عنهما جي، حضرت حسن رضي الله عنه لاءِ گهر ڪئي ۽ اهو نڪاح ٿي ويو

ثم انه كان الحسين تزوج لعائشة بنت عثمان (مناقب آل ابي طالب ج٤ ص٤٠ قم ايران)

پوءِ (حضرت امام حسن رضہ جي وفات بعد) حضرت امام حسين، حضرت عثمان رضہ جي نياڻي عائشہ سان شادي ڪئي

## خلاصہ ڪلام

هن باب مان هيٺيون ڳالهيون ثابت ٿيون:

(١) حضرت عثمان غني حضور صلي الله عليه وسلم جو ڄاٽو هو.

(٢) شيعن جي ڪتابن مان ثابت ٿيو تہ حضرت عثمان غني "ذوالنورين" آهي.

(٣) حضرت عثمان رضہ جو نسبي تعلق نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم ۽ علي المرتضي جي ٽئين ڏاڏي "عبد مناف" سان ملي ٿو.

(٤) حضرت عثمان رضہ جوپٽ حضرت عبدالله رحہ شهيد ڪربلا حضرت حسين رضہ جو ڄاٽو هو.

(٥) حضرت عثمان رضہ جو پوٽو عبدالله بن عمرو بن عثمان رحہ، شهيد ڪربلا حضرت حسين رضہ جو ڄاٽو هو

(٦) حضرت عثمان غني جي پوٽي مروان بن ابان بن عثمان بن عفان، حضرت امام حسن رضہ جي پوٽيءَ "ام القاسم" سان شادي ڪئي.

Scanned by CamScanner

(٧) حضرت عثمان غني رضہ جي پٽ "ابان" ام ڪلثوم بنت عبدالله بن جعفر بن ابي طالب (حضرت علي المرتضيٰ جي ڀائٽي جي نياٽيءَ) سان شادي ڪئي.

(٨) حضرت حسن رضہ ۽ حضرت حسين رضہ، حضرت عثمان رضہ جا ڄاٽا هئا. هتان ثابت ٿيو تہ حضرت عثمان رضہ ۽ ان جي اولاد سان اهل بيت مٽي مائٽي ڪئي آهي، اهي هڪ ٻئي سان رشتي ۾ بلڪل قريب آهن. سندن پاڻ ۾ بهترين محبت جا تعلقات هئا.

Scanned by CamScanner

# باب چوٿون

## ٽن خليفن ۽ ان جي اولاد کان سواءِ، بني اميہ ۽ بني هاشم ۾ "مزيد" مٽي مائٽيءَ جا تعلقات

## (پهرين مائٽي)

### حضرت امام حسن رضہ جي پوٽيءَ "نفيسہ رح" بنت زيد بن حسن جو نڪاح وليد بن عبد الملڪ بن مروان سان ٿيو.

وکان لزيد ن ابنة ن اسمها "نفيسة" خرجت الي الوليد بن عبدالملک بن مروان فولدت منه وماتت بمصر ولها هناک قبر يزار

زيد بن حسن رح کي هڪ نياڻي هئي، جنهن جو نالو "نفيسہ" هو. اها وليد بن عبدالملڪ بن مروان جي نڪاح ۾ آئي. ان مان وليد جي اولاد ٿي، ان جو انتقال مصر ۾ ٿيو. اُتي ان جي قبر آهي، جنهن جي زيارت ڪئي وڃي ٿي.

(١) عمدة الطالب ص٧٠ عقب زيد بن الحسن مطبوعہ نجف
(٢) منتهي الامال ج١ ص٢٤٤ ذکر اولاد زيد بن الحسن بن علي رضہ
(٣) ناسخ التواريخ ج٢ ص٢٧٩ ذکر فرزندان زيد بن حسن بن علي.

ياد رهي تہ "نفيسہ" جي والده لبابہ بنت عبدالله بن عباس رضہ آهي. مطلب تہ عبدالله بن عباس رضہ جي ڏهٽيءَ "نفيسہ" جو نڪاح مروان جي پوٽي وليد سان ٿيو.

Scanned by CamScanner

## (ٻي مائٽي)

## حضرت امام حسن رضہ جي ٻي پوٽيءَ "زينب" رح بنت حسن مثنيٰ بن حسن بن علي بن ابي طالب جو نڪاح، عبدالملڪ بن مروان سان ٿيو

اما دختران شرح حال ام ڪلثوم ورقيه معلوم نيست، وزينب را عبدالملڪ بن مروان ڪابين بست، وفاطمه بحباله نڪاح معاويه بن عبدالله بن جعفر طيار درآمد

(حسن مثنيٰ جي ٽن نياڻين) ام ڪلثوم ۽ رقيه جو تفصيلي حال معلوم نہ آهي. زينب جو نڪاح عبدالملڪ بن مروان سان ٿيو ۽ فاطمه جو نڪاح معاويه بن عبدالله بن جعفر طيار سان ٿيو.

(١) منتهي الامال ج١ ص٠ ٢٥ ذڪر فرزندان حسن بن الحسن بن علي - مطبوعه ايران.

(٢) ناسخ التواريخ ج٢ ص٣٣٦ زندگاني امام حسن مجتبيٰ، مطبوعه ايران.

## (ٽين مائٽي)

## حضرت علي المرتضيٰ رضہ جي ڀائٽي عبدالله جي نياڻيءَ "لبابہ" جو نڪاح مروان جي پٽ عبدالملڪ سان ٿيو

• شيعن جو ثقة المحدثين شيخ عباس قمي (المتوفي س١٣٥٩هہ) لکي ٿو:

ان لبابة بنت عبدالله بن جعفر بن ابي طالب ڪانت عند عبدالملڪ

حضرت عبدالله بن جعفر بن ابي طالب جي نياڻي "لبابہ" (خليفي) عبدالملڪ جي نڪاح ۾ هئي

الڪنيٰ والالقاب ص٧٣ مطبوعه بيروت لبنان.

# (چوٿين مائٽي)

## حضـرت معاويـــه بن سفيـــان رضہ (المتوفي سن ٦٠هـ)

## حضرت رســـول الله ﷺ جو سـڳو سالو آهـــي

ام حـبـيـبـه زوجه رسـول خدا صلي الله عليــه وسلم بود، او دختر ابو سفيان بن حرب است (ناسخ التـواريخ ج۴ ص۲۲۱ مطبـوعـه ايران)

بي بي ام حبيبه رضہ، حضرت ﷺ جي زوجــه هـئـي ۽ اهـا ابوسفيان بن حرب جي نياڻي هئي. (يعني حضرت معاويہ رضہ جي ڀيڻ)

## حضرت معاويه رضي الله عنه جو نسبي تعلق نبي اكرم ﷺ ۽ علي المرتضيٰ رضہ جي ٽئين ڏاڏي "عبد مناف" سان ملي ٿو

اسان مٿي باب ٽئين ۾ حضور ﷺ ۽ علي المرتضيٰ رضہ جو سلسلہ نسب لکي آيا آهيون. هينئر حضرت معاويه رضہ جو سلسلہ نسب لکون ٿا: معاويه بن ابي سفيان بن حرب بن اُميہ بن عبد شمس بن عبد مناف. (ناسخ التواريخ ج ۳ ص۱۲۷)

# (پنجين مائٽي)

## حـضـرت معاويه رضہ جي پاٽيجِي "ليليٰ" حضـرت حسيـن رضہ جي نكـاح ۾ هئي

وعلي بن الحـسين وهوعلي ن الاكبـر ولا عـقب لـه ويكنيٰ ابا الحسن وامّه ليليٰ بنت مـرة بن عـروة بن مـسـعـود ن الثـقـفي و

علي بن حـسين، جيـكـو علي اكبـر جي نالي سـان مـشـهـور آهي، ان كي كابہ اولاد نہ ٿي. ان جو كنيت "ابوالحسن" هو ۽

امـهـا مـيـمـونـه بنت ابي سفيـان بن حرب

عـروه بن مـسـعـود ثقـفي هئي.

سندس والده ليليٰ بنت مـرّة بن

(١) منتهي الامال ج١ ص٤٦٤ دربيان ازواج طاهرات (٢) مقاتل الطالبين ص٥٢ ذكر امام حسين رضہ (٣) ناسخ التواريخ ج٥ ص٢١٠ ذكر علي بن ابي طالب، كتاب تابعين

ليليٰ جي والده (يعني علي اكبر جي ناني) ميمونه بنت ابي سفيان هئي.

# (ڇهين مائٽي)

## حضرت علي المرتضيٰ رضہ جي سؤٽ عبدالله جي نياڻيءَ "لبابه" جو نكاح حضرت معاويه رضہ جي ڀائٽي وليد سان ٿيو

لبابة بنت عبدالله بن عباس بن عبدالمطلب خلف عليٰ لبابة بعد زيد بن الحسن الوليد بن عتبة بن ابي سفيان فولدت له القاسم

لبابه ڌيءَ عبدالله بن عباس بن عبدالمطلب، زيد بن امام حسن رضہ جي وفات كان پوءِ وليد بن عتبه بن ابي سفيان جي نكاح ۾ آئي.

عمدة الطالب ص٤٣ عقب جعفر طيار رضہ بن ابي طالب

# حاصل كلام

هن باب مان هيٺيون ڳالهيون ثابت ٿيون:

(١) حضرت امام حسن رضہ جي پوٽيءَ "نفيسه رح" جو نكاح مروان جي پوٽي وليد بن عبدالملك سان ٿيو. اها نفيسه حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جي سڳوري سؤٽ حضرت عبدالله بن عباس رضہ جي ڏهٽي هئي.

(٢) حضرت امام حسن رضہ جي ٻي پوٽي "زينب رح" بنت حسن مثنيٰ رح جو نكاح مروان جي پٽ عبدالملك سان ٿيو.

Scanned by CamScanner

(٣) حضرت علي المرتضيٰ رضہ جي پائٽي عبدالله بن جعفر جي نياڻي "لبابہ" جو نڪاح، مروان جي پٽ عبدالملڪ سان ٿيو.

(٤) حضرت معاويہ رضہ جي پاٽيجي "ليليٰ" امام حسين رضہؓ جي نڪاح ۾ آئي.

(٥) حضرت نبي اڪرم صلي الله عليہ وسلم جي چاچي، حضرت عباس بن عبدالمطلب رضہ جي پوٽيءَ "لبابہ" جو نڪاح، حضرت معاويہ رضہ جي پائٽي وليد بن عتبہ بن ابي سفيان سان ٿيو.

(٦) حضرت معاويہ رضہ، حضرت رسول الله ﷺ جو سڳو سالو هو.

هن مائٽيءَ مان ثابت ٿيو تہ بني اُميہ ۽ بني هاشم جا پاڻ ۾ سٺا تعلقات هئا. اُهي هڪ ٻئي جا رشتيدار هئا. شيعہ اڪثر ڪري مروان جي اولاد تي لعنتون هڻن ٿا. مان ڪاٺئن پڇان ٿو تہ بقول اوهان جي جيڪڏهن مروان جي اولاد فاسق، فاجر ۽ ملعون آهي تہ پوءِ اوهان وٽ هيٺين سوالن جو ڪهڙو جواب آهي؟

(١) حضرت امام حسن رضہ جي پٽ زيد رح پنهنجي صاحبزادي "نفيسہ" مروان جي پوٽي وليد ڪي نڪاح ۾ ڇو ڏني؟

(٢) حضرت علي المرتضيٰ جي پائٽي، حضرت عبدالله بن جعفر بن ابي طالب پنهنجي نياڻي "لبابہ" مروان جي پٽ عبدالملڪ ڪي نڪاح ۾ ڇو ڏني؟

(٣) حضرت امام حسن رضہ جي پٽ حسن مثنيٰ رضہ، پنهنجي نياڻي "زينب رحہ" مروان جي پٽ عبدالملڪ ڪي نڪاح ۾ ڇو ڏني؟

ڪجهہ تہ لب ڪشائي ڪيو. انهن پنهنجون صاحبزاديون مروان جي اولاد ڪي ايمان ۽ اسلام جي بنياد تي ڏنيون يا ڪفر جي بنياد تي؟ فيصلو پاڻ ڪريو. مَالَكُمْ لَا تَنْطِقُوْنَ، فَكَيْفَ تَحْكُمُوْنَ.

Scanned by CamScanner

## باب پنجون

**ائمہ اهل بيت، پنهنجي اولاد تي ٽن خليفن جا نالا ابوبڪر، عمر ۽ عثمان رضہ رکي انهن سان سِڪ ۽ محبت جو ثبوت ڏنو**

**حضرت سيدنا علي المرتضيٰ رضہ (المتوفي سن ٤٠ھ) جيَ ٽن پٽن جا نالا ابوبڪر، عمر ۽ عثمان رح هئا.**

| | | |
|---|---|---|
| (١) | ابوبڪر، عمر، عثمان رح | مناقب آل ابي طالب ج٤ ص١١٢ |
| (٢) | ابوبڪر، عمر، عثمان رح | عمدة الطالب ص٥٦ |
| (٣) | ابوبڪر، عمر، عثمان رح | منتهي الآمال ج١ ص١٨٧ |
| (٤) | ابوبڪر، عمر، عثمان رح | الانوار النعمانه ج٣ ص٢٦٣ |
| (٥) | ابوبڪر، عمر، عثمان رح | ناسخ التواريخ ج٥ ص٢١١-٢٢٣ |
| (٦) | ابوبڪر، عمر، عثمان رح | جلاء العيون ص٥٧٠ |
| (٧) | ابوبڪر، عمر، عثمان رح | ڪشف الغمه ج١ ص٤٤٠ |
| (٨) | ابوبڪر، عمر، عثمان رح | تنقيح المقال ج٣ ص٥-٧٠ |
| (٩) | ابوبڪر، عمر، عثمان رح | ارشاد شيخ مفيد ص١٢٩ |
| (١٠) | ابوبڪر، عمر، عثمان رح | تذڪرة الائمہ ص٨٥ |
| (١١) | ابوبڪر، عمر، عثمان رح | رجال طوسي ص٨١-١٠١ |
| (١٢) | ابوبڪر، عمر، عثمان رح | مقاتل الطالبين ص٥٥-٥٦ |
| (١٣) | ابوبڪر، عمر، عثمان رح | التنبيه والاشراف ص٢٥٨ |
| (١٤) | عمر بن علي رح | بصائر الدرجات ص٥٢ |
| (١٥) | عمر بن علي رح | امالي شيخ مفيد ص٢٥١ |
| (١٦) | عمر بن علي رح | فرق الشيعه ص٦٨ |

"ياد رکو! حضرت علي المرتضيٰ رح جي ٻن پٽن جو نالو "عمر" هو. (ناسخ التواريخ)

Scanned by CamScanner

## حضرت سيدنا حسن بن علي رضہ (المتوفي سن۴۹هہ) جي ٻن پٽن جا نالا ابوبــكر ۽ عمررح هئا

| | |
|---|---|
| (۱) ابوبكر، عمر رح | عمدة الطالب ص٦٨ |
| (۲) ابوبكر، عمر رح | مناقب آل ابي طالب ج۴ ص۲۹ |
| (۳) ابوبكر، عمر رح | منتهي الامال ص۳۸۱ |
| (۴) ابوبكر، عمر رح | ناسخ التواريخ ج۲ ص۲۷۱ |
| (۵) ابوبكر، عمر رح | ارشاد شيخ مفيد ج۱ ص۳۷۳ |
| (٦) ابوبكر، عمر رح | الانوار النعمانيه ج۳ ص۲٦۳ |
| (۷) ابوبكر، عمر رح | جلاء العيون ج۱ ص۵۸۲ |
| (۸) ابوبكر، رح | كشف الغمه ج۱ ص۵۷۵ |
| (۹) ابوبكر، رح | مقاتل الطالبين ص۵۷ |
| (۱۰) ابوبكر، رح | ذبح عظيم ص۴۰۹ |
| (۱۱) عمر رح | دلائل الامامة طبري ص٦۳ |

## حضرت سيّدنا حسين رضہ (المتوفي سن٦۱هہ) جي ٻن پٽــن جــا نالا ابوبــكر ۽ عمر رح هئا

| | |
|---|---|
| (۱) ابوبكر رح | ارشاد شيخ مفيد ص۱۳۰ |
| (۲) ابوبكر رح | مقاتل الطالبين ص۵۷ |
| (۳) عمر رح | مناقب آل ابي طالب ج۴ ص۱۳ |
| (۴) عمر رح | جلاء العيون ج۱ ص۵۸۲ |

حــضــرت ســيــدنا امــام حــسين رضــہ جي هڪ پوٽي جو نالو "معاويه" هو. مـعـاويـه بن عـبـدالله بن الـحـسين بن علي بن ابي طالب (رجال طوسي ص۲۲۲ طبع ايران)

Scanned by CamScanner

## حضرت سيدنا علي بن حسين رح
## (امام زين العابدين (المتوفي سن٩٥هـ)
## جي هڪ فرزند جو نالو "عمر" هو

| | | |
|---|---|---|
| (١) | عمر رح | مناقب آل ابي طالب ج٤ ص١٧٦ |
| (٢) | عمر رح | دلائل الامامة طبري ص٨١ |
| (٣) | عمر رح | عمدة الطالب ص١٩٤ |
| (٤) | عمر رح | ناسخ التواريخ ج٢ ص٢٧٨ |
| (٥) | عمر رح | الانوار النعمانيه ج١ ص٣٧٥ |
| (٦) | عمر رح | رجال كشي ص١٢٧ |
| (٧) | عمر رح | كشف الغمه ج٢ ص٨٢ |
| (٨) | عمر رح | تنقيح المقال ج٢ ص٣٤٦ |
| (٩) | عمر رح | ارشاد شيخ مفيد ص٢٦١ |

حضرت زين العابدين رح جو لقب بہ "ابوبكر" هو.

(١) كشف الغمه ج١ ص٧٤
(٢) فرق الشيعه ص٥٣
(٣) مناقب آل ابي طالب ج٤ ص١٧٥
(٤) دلائل الامامة طبري ص٨٠

حضرت سيدنا زين العابدين رح جي هڪ ڌيءَ جو نالو "عمر" هو.

عمر: امه خديجه بنت زين العابدين علي بن الحسين رضـ - عمدة الطالب ص٣٦٢، منتهي الآمال ج١ ص١٩٢ مطبوعه ايران

## حضرت سيدنا محمد باقررح (المتوفي سن١١٤هـ)
## جي هڪ فرزند جو نالو "عمررح" هو

عمر: عمدة الطالب ص١٩٤ تاليف سيد جمال الدين (المتوفي سن٨٢٨هـ)

## حضرت سيدنا موسيٰ ڪاظم رح (المتوفي سن١٨٣ھ) جي هڪ فرزند جو نالو عمر رح ۽ هڪ نياڻي جو نالو عائشه رح هو.

| | | |
|---|---|---|
| (١) | عمر رح | ڪشف الغمه ج٢ ص٢١٦ |
| (٢) | عائشه رح | عمدة الطالب ص١٩٧ |
| (٣) | عائشه رح | الانوار النعمانيه ج١ ص٣٨٠ |
| (۴) | عائشه رح | ڪشف الغمه ج٢ ص٢٦٧ |
| (٥) | عائشه رح | منتهي الآمال ج٢ ص٢٢٣ |

حضرت موسيٰ ڪاظم رح جي فرزند علي رضا رح جو لقب ہ "ابوبڪر" هو. مقاتل الطالبين ص٣٧۴

## حضـــرت عبدالله بـــن جعفر بن ابي طالب رح (المتوفي سن٨٠ھ) جي ٻن پٽن جا نالا ابوبڪر رح ۽ معاويه رضہ هئا

| | | |
|---|---|---|
| (١) | ابوبڪر بن عبدالله بن جعفر رضہ | ناسخ التواريخ ج۴ ص١٢٩ |
| (٢) | ابوبڪر بن عبدالله بن جعفر رضہ | مقاتل الطالبين ص٨٢ |
| (٣) | معاويه بن عبدالله بن جعفر رضہ | عـمـدة الطالب ص٣٨ عـقب جعفر طيار رضہ |
| (۴) | معاويه بن عبدالله بن جعفر رضہ | مقاتل الطالبين ص١١١ |
| (٥) | معاويه بن عبدالله بن جعفر رضہ | مجالس المؤمنين ج٢ ص٢٥٨ |
| (٦) | معاويه بن عبدالله بن جعفر رضہ | منتهي الآمال ج١ ص٢٥٠ |
| (٧) | معاويه بن عبدالله بن جعفر رضہ | فرق الشيعه ص٣٢ |

## مقام غور

قارئين ڪرام! اوهان کي معلوم هجي تہ حضرت علي رضي الله عنه جا اها ٽئي فرزند ابوبڪر، عمر ۽ عثمان رحمة الله عليهم، پنهنجي ڀاءُ امام حسين رضہ سان گڏ ڪربلا ۾ شهيد ٿيا آهن. ڏسو:

(١) جلاء العيون ج٢ ص٥٦٩-٥٧٠ مقاتله خويشان آنحضرت - ايران
(٢) ناسخ التواريخ ج٢ ص٣٣٢-٣٣٨ در احوالات سيد الشهدآء ايران
(٣) اعلام الوريٰ ص٢٠٣ اولاد امير المؤمنين وعددهم واسمآءهم - ايران

ياد رهي تہ حضرت امام حسين رضہ جو فرزند "ابوبڪر" بہ ڪربلا ۾ شهيد ٿيو آهي. مطلب تہ اهل بيت مان بہ ابوبڪر ڪربلا ۾ شهيد ٿيا آهن ۽ ٽيون ابوبڪر يعني زين العابدين رح واپس وريو آهي.

شيعہ حضرت علي رضہ جي هڪ فرزند حضرت عباس رح کي "غازي عباس" جي نالي سان ياد ڪندا آهن. اهو ڪربلا ۾ شهيد ٿيو آهي. پر ياد رکو سندس سڳو ڀاءُ حضرت عثمان بن علي رح بہ ڪربلا ۾ شهيد ٿيو آهي. ٻنهي جي والده محترمه "ام البنين" بنت حزام هئي. افسوس هن ڳالهہ جو آهي تہ حضرت عباس رح کي وڏيءَ عزت ۽ احترام سان ياد ڪيو وڃي ٿو، پر سندس مظلوم ڀاءُ حضرت عثمان رح کي بلڪل وساريو ويو آهي. اهو ظلم فقط هن ڪري آهي تہ ان جو نالو "عثمان" آهي؟

**قارئين ڪرام!** اوهان ئي انصاف جي اک سان فيصلو ڏيو تہ شيعن ڪڏهن بہ ڪنهن مجلس يا موقعي تي ظاهر ظهور انهن شهيدن جا اسمآء گرامي ورتا آهن. "هرگز نہ" اصل حقيقت هيءَ آهي تہ انهن جي ٽن خليفن سان دشمني آهي. ان جي ساڳ سبب حضرت علي رضہ جي انهن ٽن شهيد فرزندن جا اهڙا نالا نٽا وٺن. هوڏانهن ائمہ اهل بيت پنهنجيءَ اولاد تي اهي نالا رکي، ڪين يادگيريءَ ڪان نہ وساريو آهي. هنن پنهنجي اولاد تي اهڙا نالا رکي صاف ثابت ڪري ڏيکاريو تہ اسان جي پاڻ ۾ محبت آهي. اسان کي انهن بزرگن جي عزت و عظمت جو اقرار آهي. جيڪڏهن ڪين ٽن خليفن سان ميٺ محبت ۽ سڪ جو سلوڪ نہ هجي ها تہ اهي پنهنجيءَ اولاد تي انهن جا نالا هرگز نہ رکن ها. هتان ثابت ٿيو تہ صحابہ ڪرام رضہ ۽ ائمہ اهل بيت جو پاڻ ۾ پيار ئي پيار هو.

Scanned by CamScanner

## باب ڇهون

## حضرت ابوبڪر صديق رضہ، سندس اهليہ اسمآء بنت عُميس رضہ، حضرت عمر فاروق رضہ ۽ حضرت عثمان رضہ جو اهل بيت سان سهڻو سلوڪ

### حضرت رسول الله ﷺ جن فاطمة الزهريٰ رضہ جي نڪاح ۾ خلفاء ثلاثہ يعني حضرت ابوبڪر رضہ، حضرت عمر رضہ ۽ حضرت عثمان غني رضہ کي شاهد بنايو

- حضرت انس رضہ کان روايت آهي تہ حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن مون کي ارشاد فرمايو: "اي انس رضہ! تون ڄاڻين ٿو تہ جبرئيل عليه السلام، الله تعاليٰ جي طرفان ڪهڙو حڪم آندو آهي." حضرت انس رضہ عرض ڪيو تہ الله ۽ سندس رسول صلي الله عليه وسلم بهتر ڄاڻن ٿا.

قال امرني ان ازوج فاطمة من علي فانطلق فادع لي ابابكر و عمر وعثمان وعليا وطلحة و الزبير وبعددهم من الانصار (١) كشف الغمه ج١ ص٣٤٨ ذكر تزويجه فاطمه رضہ (٢) بحار الانوار ج٤٣ ص١١٩ (٣) تاريخ سيدة النساء فاطمه رضہ فاطمة الزهريٰ ص٣٨ موسسة البلاغ ايران

پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن فرمايو مون کي الله حڪم ڪيو آهي تہ فاطمه رضہ کي علي رضہ سان شادي ڪرايان. پوءِ تون وڃ، ڀون ڏانهن ابوبڪر، عمر، عثمان، علي، طلحہ (رضي الله عنهم) ۽ اوترا انصار بہ سڏي اچ.

# حضرت ابوبکر صديقرضہ ۽ حضرت عمرفاروقرضہ جو ان نڪاح تي خوش ٿيڻ

• جڏهن ابوبڪر صديق رضہ، عمر فاروق رضہ ۽ سعد بن معاذ رضہ، مسجد نبوي ۾ ان نڪاح جي ڳالهہ ٻڌي تہ اهي ٽئي حضرت علي رضہ کي خوشخبري ۽ مبارڪ ڏيڻ لاءِ مسجد مان نڪري کيس ڳولهڻ لڳا. سلمان فارسي رضہ فرمائي ٿو تہ جڏهن انهن حضرت علي رضہ کي گهر ۾ نہ لڌو تہ کيس ڳولهيندي هڪ باغ ۾ ڏٺائون. علي المرتضيٰ رضہ جڏهن انهن کي ڏٺو تہ ڪانئن اچڻ جو سبب پڇيو. حضرت ابوبڪر صديق رضہ فرمايو تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم توکي فاطمه رضہ نڪاح ۾ ڏئي ٿو. کيس اهڙو حڪم الله تعاليٰ جي طرفان ٿيو آهي. حضرت علي رضہ اها ڳالهہ ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پاڻ حضرت ابوبڪر ۽ عمر ضہ جي خوشيءَ جو اظهار هنن لفظن ۾ فرمايائون:

ففرحا بذالک فرحًا شديدًا ورجعا معي الي المسجد

اهي ٻئي ان نڪاح سان ڏاڍو خوش ٿيا ۽ مون سان گڏجي مسجد ڏانهن موٽيا.

(١) جلاء العيون ج١ ص١٦٩ زندگاني فاطمة الزهريٰ رضہ - ايران
(٢) ڪشف الغمہ ج١ ص٣٥٨ في تزويجہ فاطمة عليها السلام
(٣) بحار الانوار ج٤٣ ص١٢٩ باب تزويجها عليها السلام
(٤) دلائل الامامة طبري ص١٦ خبر خطبتها عليها السلام

**حضرت علي المرتضيٰ ۽ سيده فاطمة الزهريٰ رضہ جي شاديءَ ۾، حضرت عثمان رضہ ڀرپور مالي تعاون ڪيو. ان ڪري رسول الله ﷺ جن کيس خير جي دعا فرمائي. سيده جي ڏاج خريد ڪرڻ لاءِ ابوبڪر رضہ کي منتخب ڪيو ويو.**

قارئين ڪرام! صحابہ ڪرام رضي الله عنهم جي دشمن جون دليون، ضد عناد ۽ بغض سان ڀريل آهن. ان ڪري ڪين حق سمجهڻ ۾ نٿو اچي

۽ نہ وري ڪا حق جي ڳالهہ انهن جي دلين ۾ داخل ٿـئي ٿي. مـؤرخين شيعہ، علي بن عيسيٰ اربيلي (المتوفي سن٦٩٣هہ) ۽ محدث باقر مجلسي (المتوفي سن١١١١هہ) صريحاً ۽ صاف لفظن ۾ حضرت علي رضہ جو قول هن طرح نقل ڪن ٿا، جنهن جو ترجمو پيش ڪجي ٿو:

"حضرت علي المرتضيٰ رضہ فرمايو تہ حضرت رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن منهنجي سامهون آيا. ارشاد فرمايائون: اي ابو الحسن (علي بن ابي طالب رضہ) تون هاڻي وڃ، پنهنجي زره وڪڻي، ان جي رقم مون وٽ آڻ تہ جيئن مان تنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي نياڻيءَ فاطمہ رضہ لاءِ اهي شيون تيار ڪري وٺان، جيڪي توهان ٻنهي لاءِ مناسب هجن. حضرت علي رضہ فرمايو: مان زرهہ چار سؤ ڪارن هجري درهمن جي عيوض حضرت عثمان بن عفان رضي الله عنہ کي ڏنم (اهي درهم پلي قسم جا آهن، جيڪي هجر قبيلي ڏانهن منسوب آهن) جڏهن مان ان ڪان درهم ورتا ۽ هن مون ڪان زرهہ ورتي تہ فرمايائين: "اي علي رضہ! مان توکان زياده ان زرهہ جو حقدار نہ آهيان. هن وقت توکي درهمن جي ضرورت آهي. مان چيو "هائو"

قال: فان الدرع هديہ مني فاخذت الدرع والدراهم واقبلت الي رسول الله صلي الله عليہ وسلم فطرحت الدرع والدراهم بين يديہ واخبرتہ بما ڪان من امر عثمان فدعالہ بخير

حضرت عثمان رضہ فرمايو: "اي علي رضہ! هي زرهہ منهنجي طرفان توکي هديہ آهي. حضرت شير خدا رضہ فرمايو مان زرهہ ۽ دراهم کڻي حضرت رسول ﷺ جي خدمت ۾ آيس. اهي ٻئي شيون سندن آڏو رکي حضرت عثمان رضہ واري ڳالهہ بہ ٻڌايم. پاڻ سڳورن ﷺ جن حضرت عثمان لاءِ خير جي دعا گهري.

(١) ڪشف الغمہ ج١ ص٣٥٩ في تزويجہ فاطمة عليها السلام

(٢) بحار الانوار ج٤٣ ص١٣٠ تاريخ سيدة النساء فاطمة الزهريٰ رضہ

• باقر مجلسي پنهنجي ڪتاب جلاء العيون ۾ لکي ٿو، جنهن جو هتي ترجمو پيش ڪجي ٿو:

”حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ہ مٺيون درهمن جون ڀري حضرت ابوبڪر رضہ جي حوالي ڪيون ۽ ڪيس بازار ۾ وڃڻ جو حڪم فرمايو تہ فاطمہؓ جي شاديءَ لاءِ ڪپڙا ۽ ٻيو مناسب سامان خريد ڪري اچي. حضرت عمار بن ياسر رضہ ۽ ڪجھ ٻيا صحابہ رضہ، حضرت ابوبڪر رضہ سان گڏجي بازار ڏانهن روانا ٿيا. هرهڪ جنهن شيءِ کي پسند پيو ڪري، اها شيءِ حضرت ابوبڪر رضہ کي پيو ڏيکاري. ان جي مشوره سان ئي شيون خريد ڪيون ويون.“

سيده فاطمه رضہ جي لاءِ انهن بزرگن حضرت ابوبڪر رضہ جي مرضيءَ سان هيٺيون شيون خريد ڪيون:

هڪ ڪپڙن جو وڳو، هڪ سوڙ، هڪ خيبر جي ڪاري چادر، هڪ واٽيل کٽ، بستري جا ٻہ گدا، هڪ گدي ۾ کجيءَ جو ڪاٻرهو تہ ٻئي ۾ رڍ جا وار هئا. هڪ گاهہ سان ڀريل ويهاڻو، هڪ اوني ڪپڙو، هڪ چمڙي جي مشڪيزه، کير لاءِ هڪ ڪاٺ جو پيالو، هڪ دلو ۽ هڪ ٺڪر جو ڪونرو.

بازار مان جڏهن اهو سامان خريد ڪيو ويو تہ سيد فاطمه رضہ جي ڏاج جي سامان جون ڪجھ شيون صديق اڪبر رضہ کنيون تہ باقي ٻيون شيون ٻين صحابہ ڪرام رضہ کنيون. جڏهن اهو سامان حضور صلي الله عليه وسلم جي خدمت ۾ پيش ڪيو ويو تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جن هرهڪ شيءِ مٿي ڪٽي، هيءَ دعا فرمائي: ”اي الله! منهنجي اهل بيت لاءِ انهن شين ۾ برڪت عطا فرماءِ.“

(١) جلآء العيون ج١ ص١٧٦ زندگاني فاطمة الزهرئ رضہ

(٢) امالي شيخ طوسي ج١ ص٤٢ مطبوعه قم - ايران

## حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي زوجہ اسمآء بنت عميس رضہ، بي بي فاطمه رضہ جي بيماريءَ ۾ خدمت ڪئي ۽ ڪيس وفات کان پوءِ غسل ہ ڏنو

• شيعن جو بزرگ باقر مجلسي (المتوفي سن١١١١هہ) لکي ٿو:

در كشف الغمه وغير آن روايت كرده اند كہ چون وفات فاطمه نزديک شد، اسمآء بنت عُميس راگفت كہ آبي بيار كہ من وضؤ بسازم پس وضو ساخت

كشف الغمه ۽ ٻين كتابن ۾ روايت آهي تہ جڏهن فاطمه رضہ وفات جي قريب ٿي تہ اسمآء بنت عُميس رضہ کي چيائين پاڻي آڻ تہ مان وضو كريان، پوءِ وضو كيائين.

(١) جلاء العيون ج١ ص٢٣٦ زندگاني فاطمه رضہ
(٢) كشف العمہ ج١ ص٥٠٠ في وفاتها عليها السلام
(٣) منتهي الآمال ج١ ص١٣٧ دربيان وفات فاطمه عليها السلام

• پس حضرت امير المؤمنين واسمآء اوراغسل دادند

فاطمہ رضہ کي حضرت علي رضہ ۽ اسماء رضہ (زوجہ ابوبكر صديق رضہ) غسل ڏنو.

(١) جلاء العيون ج١ ص٢٣٥ زندگاني فاطمه رضہ
(٢) احتجاج طبرسي حاشيه ج١ ص١٢٦ احتجاج امير المؤمنين
(٣) نزل الابرار في مناقب اهل البيت الاطهار ص٧٧ مطبوعه ايران
(٤) بحار الانوار ج٤٣ ص١٩٠ تاريخ سيدة النساء رضہ - بيروت
(٥) كشف الغمہ ج١ ص٥٠٠ في وفاتها عليها السلام

## حضرت ابوبكر صديق رضہ ۽ حضرت عمر فاروق رضہ، حضرت علي رضہ كان فاطمه رضہ جي تندرستي بابت پڇا كئي

• شيعن جو سليم بن قيس هلالي (المتوفي سن٩٠هہ) لكي ٿو:

وكان علي عليه السلام يصلي في المسجد الصلوٰت الخمس فلما صليٰ قال ابوبكر و عمر كيف بنت رسول الله صلي الله

حضرت علي رضہ پنج وقت نماز (باجماعت) مسجد ۾ پڙهندو هو. هک ڀيري جڏهن نماز پڙهيائين تہ ابوبكر رضہ ۽ عمر رضہ كانئس فاطمة الزهريٰ رضہ جي بيماريءَ بابت پڇا كئي تہ رسول الله ﷺ جي نياڻيءَ جي

عليه وسلم.

طبيعت ڪيئن آهي؟

(١) ڪتاب سليم بن قيس ص٢٥٣ مطبوعه قم - ايران
(٢) بحار الانوار ج٣ ص١٩٩ مطبوعه بيروت - لبنان

## حضرت حسن ۽ حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جي بيمار ٿيڻ تي ابوبڪر صديق رضہ ۽ عمر فاروق رضہ ڪائنن پڇڻ ويا

وعن ابن عباس رضہ قال: مرض الحسن والحسين فعادهما جدهما رسول الله صلي الله عليه وسلم ومعه ابوبكر و عمر رضي الله عنهما

ڪشف الغمه ج١ ص٣٠٢ مانزل فيه عليه السلام من القرآن

حضرت عبدالله بن عباس رضہ ڪان روايت آهي تہ حسن ۽ حسين رضہ بيمار ٿي پيا تہ سندن نانو حضرت رسول الله ﷺ ۽ ان سان گڏ ابوبڪر ۽ عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا تندرستي بابت پڇڻ ويا.

## حضرت ابوبڪر صديق رضہ پيار مان حضرت حسن رضہ کي ڪُلهن تي ڪنيو تہ حضرت علي المرتضيٰ رضہ مُشڪيو

صليٰ ابوبكر رضي الله عنه صلواة العصر، ثم خرج يمشي ومعه علي عليه السلام فراي الحسن يلعب بين الصبيان فحمله ابو بكر عليٰ عاتقه وقال: بابي شبيه بالنبي ليس شبيها بعلي وعلي عليه السلام

حضرت ابوبڪر رضہ ٽيپهريءَ جي نماز پڙهي ٻاهر نڪتو. ان سان گڏ حضرت علي رضہ بہ هو. ڏٺائين تہ حضرت حسن رضہ ٻارن سان ڪيڏي رهيو آهي، پوءِ ابوبڪر رضہ کيس پنهنجي ڪُلهن تي ڪنيو ۽ فرمايائين: منهنجو پيءُ ماءُ تو تان قربان! هي نبيءَ سان مشابه آهي ۽

يضحک علي؏ رضہ سان مشابہ نہ آهي. ان وقت علي عليه السلام کِلي پيو.
(کشف الغمہ ج١ ص٠ ٥٥ في فضائلہ)

# خلاصہ ڪلام

هن باب مان هيٺيون ڳالهيون ثابت ٿيون:

(١) حضرت رسول الله ﷺ جن پنهنجي صاحبزادي؏ فاطمہ رَضِيَ اللهُ عَنُهَا جي نڪاح ۾ خلفآء ثلاثہ (يعني ٽن خليفن) کي شاهد ڪري، سندن ايمان، اسلام ۽ فضيلت کي ظاهر فرمايو.

(٢) ان نڪاح تي ابوبڪر صديق رضہ، عمر فاروق رضہ ۽ علي المرتضيٰ رضہ ڏاڍو خوش ٿيا.

(٣) حضرت علي رضہ جي شادي؏ ۾، حضرت عثمان رضہ ڀرپور مالي تعاون ڪيو.

(٤) ان مالي تعاون ڪرڻ تي، حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن، حضرت عثمان رضہ کي خيّر ۽ برڪت جي دعا فرمائي.

(٥) بي بي فاطمہ رضہ جي ڏاج وٺڻ لاء، حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن خليفہ اول حضرت ابوبڪر صديق رضہ کي منتخب ڪيو. اهو ان تي اعتماد جو دليل آهي.

(٦) حضرت ابوبڪر ۽ عمر فاروق رضہ، بي بي فاطمۃ رضہ جيّ صحت بابت حضرت علي رضہ کان پڇا ڪئي.

(٧) حضرت حسنين رَضِيَ اللهُ عَنُهُمَا کان صديق رضہ ۽ فاروق رضہ صحت بابت پڇڻ ويا.

(٨) حضرت ابوبڪر صديق رضہ، حضرت حسن رضہ کي ڪُلهن تي کنيو تہ حضرت علي رضہ مُشڪيو. هي؏ خوشي؏ جي علامت آهي.

(٩) حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي زوجہ اسمآء بنت عُميس رضہ، سيده فاطمہ رضہ کي آخري غسل ڏنو. بي بي سڳوري رضہ جي، حضرت علي المرتضيٰ کي آخري وصيت بہ اها هئي تہ مون کي حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي گهرواري حضرت اسمآء بنت عُميس غسل ڏئي.

**قارئين ڪرام!** اوهان غور ڪيو تہ ابوبڪر صديق رضہ ۽ عمر فاروق رضہ جو اهل بيت سان ڪيترو نہ پيار ۽ محبت جو سلوڪ آهي. اهي هڪ ٻئي سان ڏک سک ۾ شامل رهيا آهن. جيڪڏهن صديق رضہ کان سيده فاطمہ رضہ ناراض هجي ها تہ اُن جي گهر واريءَ محترمہ اسماء رضہ کان هرگز خدمت نہ وٺي ها ۽ جي صديق رضہ فاطمہ رضہ کان ناراض هجي ها تہ بي بي اسماء رضہ کي ان جي خدمت ۽ غسل ڏيڻ لاءِ اجازت نہ ڏئي هئا. انهن ڳالهين مان صاف ظاهر آهي تہ انهن حضرات (صحابہ ۽ اهل بيت رضہ) جو پاڻ ۾ پيار ئي پيار هو.

قارئين ڪرام کي معلوم هجي تہ سيدة النساء فاطمة الزهريٰ رضہ جي شادي مبارڪہ سن ٢ هجري ۾، بعثت نبوت جي سن١٥ ۾ ٿي آهي. ان شاديءَ ۾ حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر فاروق ۽ حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُمْ هڪ بهترين ۽ مثالي ڪردار ادا ڪيو، جيڪو تاريخ جي اوراق ۾ سونهري حروف ۾ مرقوم آهي. مان صحابہ ڪرام جي دشمن کان پڇان ٿو:

(١) بقول توهان جي، جيڪڏهن اهي ٽئي عظيم صحابہ رضہ مؤمن نہ هئا . بلڪ منافق وغيره هئا (نعوذ بالله منها) تہ حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن انهن کي سيدة فاطمہ رضہ جي نڪاح ۾ گواهہ ڇو بنايو؟

(٢) حضرت علي المرتضيٰ رضہ، حضرت عثمان رضہ جو مالي تعاون ڇو قبول ڪيو؟

(٣) حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن صديق اڪبر رضہ کي، ڏاج جي سامان خريد ڪرڻ لاءِ ڇو منتخب فرمايو؟

(٤) رحمة للعالمين، حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن حضرت عثمان رضہ لاءِ خير جي دعا ڇو فرمائي؟

هتان صاف ظاهر آهي تہ حضرت عثمان رضہ اهل بيت جو وڏو همدرد ۽ خيرخواه هو. نبي اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن ان کي مؤمن سمجهي ڪيس خير ۽ برڪت جي دعا فرمائي. بالفرض جي حضرت عثمان رضہ مؤمن نہ هجي ها تہ الله عزوجل، حضرت رسول الله

صلي الله عليه وسلم کي ان جي حق ۾ دعا ڪرڻ کان منع فرمائي ها. چوٿون نزولِ وحيءَ جو زمانو هو، قرآن ڪريم ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم کي منافق جي باري ۾ دعا گهرڻ کان منع ڪئي ويئي آهي.

ياد رکو! اهل بيت ۽ صحابه رضہ جي درميان، عداوت ۽ ناراضگيءَ جو نام و نشان ئي نه ٿو ملي. اُهي پاڻ ۾ رحيم ۽ شفيق هئا.



## باب ستون

**حضرت رسول الله ﷺ جن، پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي، ابوبڪر صديق رضہ کي پنهنجي مصلي تي امامت ڪرڻ جو امر فرمايو. حضرت علي المرتضيٰ ۽ حسنين رضہ ڪيس امام سمجهي، پٺيان نماز پڙهندا رهيا**

### حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي نماز ۾ امامت بابت، اهل سنت و جماعت جي ڪتابن مان واضح ثبوت

• هڪ ڀيري حضور صلي الله عليه وسلم جن، بيماريءَ جي حالت ۾ بار بار فرمائي رهيا هئا تہ ماڻهن عشاء جي نماز پڙهي آهي؟ عرض ڪيو ويو تہ "حضور! اوهان جي انتظار ۾ آهن. رحمة للعالمين نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جن هڪ شخص کي حضرت ابوبڪر صديق رضہ ڏانهن موڪليو تہ اُهو اچي ماڻهن کي نماز پڙهائي.

فَقَالَ اِنَّ رَسُوْلَ اللهِ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَاْمُرُكَ اَنْ تُصَلِّيَ بِالنَّاسِ (بخاري ڪتاب الاذان مسلم ڪتاب الصلواة)

پوءِ ان شخص چيو تہ (اي ابوبڪر!) رسول الله صلي الله عليه وسلم توکي حڪم ٿو ڪري تہ تون ماڻهن کي نماز پڙهاءِ.

• عَنْ عَائِشَةَ قَالَتْ لَمَّا ثَقُلَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، جَآءَ بِلَالٌ يُؤْذِنُهُ بِالصَّلٰوةِ فَقَالَ مُرُوْآ اَبَابَكْرٍ فَلْيُصَلِّ بِالنَّاسِ

(مسلم ڪتاب الصلواة)

حضرت ام المؤمنين عائشه صديقه رضہ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جي بيماريءَ واري زماني ۾ حضرت بلال رضہ کين نماز پڙهائڻ لاءِ عرض ڪيو. پاڻ ﷺ فرمايائون تہ ابوبڪر رضہ کي چئو تہ ماڻهن کي نماز پڙهائي.

• عَنْ اَنَسٍ قَالَ لَمْ يَخْرُجْ اِلَيْنَا نَبِيُّ اللهِ صَلَّي اللهِ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ثَلَاثًا فَاُقِيْمَتِ الصَّلٰوةُ فَذَهَبَ اَبُوْبَكْرٍ يَتَقَدَّمَ

(مسلم كتاب الصلواة)

حضرت انس رضہ کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي (آخري) بيماريءَ ۾ ٽن ڏينهن تائين اسان کي نماز پڙهائڻ لاءِ نہ نڪتا. انهن ڏينهن ۾ ابوبڪر صديق رضہ امامت ڪندو رهيو.

• حضرت سهل بن سعد رضہ کان روايت آهي تہ بني عمرو بن عوف ۾ ڪجهہ جهيڙو ٿيو، اهو احوال حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم کي ڏنو ويو. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ظهر جي نماز پڙهائي، پوءِ انهن ۾ صلح ڪرائڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا ۽ حضرت بلال رضہ کي حڪم فرمايائون:

يَا بِلَالُ اِذَا حَضَرَ الْعَصْرُ وَلَمْ اٰتِ فَمُرْ اَبَابَكْرٍ فَلْيُصَلِّ بِالنَّاسِ وَلَمَّآ اَذَّنَ بِلَالٌ ثُمَّ اَقَامَ، فَقَالَ لِاَبِيْ بَكْرٍ تَقَدَّمْ فَتَقَدَّمَ فَدَخَلَ فِي الصَّلٰوةِ

(نسائي باب استخلاف الامام اذا غاب)

اي بلال رضہ! جڏهن ٽيپهريءَ جي نماز جو وقت اچي ۽ مان نہ اچان تہ تون ابوبڪر رضي الله عنه کي چئجانءِ تہ ماڻهن کي نماز پڙهائي. جڏهن بلال رضي الله عنه اذان ڏني، پوءِ تڪبير چيائين ۽ ابوبڪر رضي الله عنه کي عرض ڪيائين تہ اڳي ٿي نماز پڙهاءِ، پوءِ ابوبڪر صديق رضي الله عنه نماز شروع ڪئي.

• قطب رباني، حضرت پيران پير سيد شيخ عبدالقادر جيلاني، بغدادي رح (المتوفي سن ٥٦١هہ) حضرت علي المرتضيٰ کان روايت آڻي ٿو:

اَنَّ النَّبِيَّ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اِسْتَخْلَفَ اَبَابَكْرِ نِ الصِّدِّيْقَ

حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي بيماريءَ وارن ڏينهن ۾، ابوبڪر

رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فِيْ اِقَامَةِ الصَّلٰوةِ الْمَفْرُوْضَةِ اَيَّامَ مَرْضِهٖ (غنية الطالبين ج١ ص٢٧٨ عربي مع اردو مطبوعہ ڪراچي)

صديق رضہ کي پنهنجي مصلي تي فرضي نماز لاءِ خليفو مقرر ڪيو.

**قارئين ڪرام!** حوالن جا تہ انبار آهن، پر ڪتاب جي ضخيم ٿيڻ جي خوف ڪان اختصار ڪان ڪم وٺان ٿو. هاڻي اچو تہ اوهان کي شيعن جي معتبر ۽ مستند ڪتابن مان بہ ڪجهہ حوالا ڏيکاريان، جن ۾ ثابت آهي تہ حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي پٺيان، حضرت علي المرتضيٰ حسنين ۽ جميع صحابہ ڪرام رضي الله عنهم نماز پڙهي آهي. پر سندس خلافت جي دور ۾ بہ پڙهندا رهيا.

## حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي اقتداء ۾ حضرت علي، حضرت حسن ۽ حضرت حسين رَضِيَ اللهُ عَنهُمْ، حضرت رسول الله ﷺ جي حياتي مبارڪ ۾ يا صديق جي دور خلافت ۾ نماز پڙهندا رهيا. ڪتب شيعہ مان واضح ثبوت

• شيعن جو علامہ ابراهيم بن حسين الدنبلي (المتوفي سن١٢٩١هہ) الدرة النجفيہ شرح نهج البلاغہ ۾ ۽ عبدالحميد بن هبة الله المدآئني الشهير بابن ابي الحديد (المتوفي سن٦٥٦هہ) لکن ٿا:

ثم اشتد بہ المرض وکان عند خفة مرضہ يصلي بالناس بنفسہ وقداختلف في صلواتہ بهم فالشيعةُ تزعَمُ انہ لم يُصَل بهم الا صلٰواة واحدةً

پوءِ سندن مرض وڌي ويو. حضرت رسول الله ﷺ جن ان وقت تائين خود پاڻ ماڻهن کي نماز پڙهائيندا رهيا، جيسين بيماري گهٽ رهي. جماعت سان پاڻ سڳورن ﷺ جي نماز پڙهڻ ۾ شيعن جو اختلاف آهي. آهي

وَهِـيَ الـصـلـواةُ الـتـي خَرَجَ رسُـولُ الله صلي الله عليـه وسلم فـيـهـا يتـهـادي بين علي والفـضل فـقـامَ في المـحـراب مـقـامـه وتاخر ابوبكـر، والصحـيح عندي وهو الاكثـر الاشـهـر انهـا لم تكن آخر الصلواةِ في حـيـاتـه صلي الله عليه وسلم بالناس جماعة وان ابابكر صليٰ بالناس بعد ذالک يومين ثم مات.

گمـان ٿـا ڪن تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن رڳو هـڪ نماز اها پڙهـائـي هئي، جنهن لاءِ پاڻ حضرت علي رضہ ۽ فضل رضہ جي سهـاري سان گهر ڪان نڪتا ۽ صديق اڪبر رضہ جي جڳهہ محراب ۾ اچي بيـٺا ۽ ابوبڪر رضہ پوئتي هٽي ويو. منهنجي خيـال ۾ صحيح هي آهي ۽ اهوئي مشهور آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي جماعت سان هيءَ آخري نماز نہ هئي. بلڪ ان ڪان پوءِ بہ ڏينهن ابوبڪر رضہ مـاڻهن کي نماز پڙهائي، پوءِ حـضـور ﷺ جن وصال ڪري ويا.

(١) الدرة النجفيه شرح نهج البلاغه ص٢٢٥ طبع نجف عراق
(٢) ابن ابي الحديد شرح نهج البلاغه ج١ ص١٨۴ مطبوعه قم ايران.

• شيـعن جو محـدث احـمـد بن علي بن ابي طالب طبـرسـي ۽ سندن مفسرالقرآن علي بن ابراهيم قمي (المتوفي سن٣٠٧هہ لکن ٿا:

ثم قـام وتهيا للصلواة و حضـر المسجد وصليٰ خـلف ابي بـكـر

پوءِ حضرت علي رضہ اُٿيـو ۽ نماز جي تياري ڪري مسجد ۾ حـاضر ٿيو ۽ ابوبڪر رضہ جي پٺيان نماز پڙهائين.

(١) احتجاج طبرسـي ج١ ص١٢٦ مطبوعه نجف(٢) تفسير قمي ج٢ ص١٥٩ نجف - عراق

• شيـعن جو بزرگ سليم بن قـيس هلالي (المتوفي سن٩٠هہ) لکي ٿو:

وكـان علي عليه السلام يصلي حضرت علي رضہ پنج وقت نماز

في المسجد الصلوٰت الخمس فلما صليٰ قال ابوبكر و عمر كيف بنت رسول الله صلي الله عليه وسلم.

(كتاب سليم بن قيس ص٢٥٣ مطبوعه قم - ايران)

مسجد ۾ پڙهندو هو. هڪ ڀيري جڏهن نماز پڙهيائين تہ ابوبڪر رضہ ۽ عمر رضہ، بي بي فاطمة رضہ جي بيماريءَ بابت پڇا ڪئي. (اي علي رضہ) رسول الله صلي الله عليه وسلم جي نياڻيءَ جي طبيعت ڪيئن آهي؟

ياد رهي تہ ڪتاب سليم بن قيس، شيعه مذهب جو نهايت معتبر ۽ مستند آهي. هن مان بہ ثابت ٿيو تہ حضرت ابوبڪر صديق رضہ، حضرت عمر فاروق رضہ ۽ حضرت علي المرتضيٰ رضہ مسجد ۾ گڏجي نماز پڙهندا هئا. وري سيده فاطمه رضہ جي طبيعت جي باري ۾ پڇي رهيا آهن تہ بنت رسول الله ﷺ جي طبيعت ڪيئن آهي؟

هتان صاف ظاهر آهي تہ سندن درميان محبت، الفت، همدردي ۽ پيار هو. پاڻ ۾ ڪابہ دشمني يا رنجش وغيره نہ هئي. بلڪ هي حضرات رُحَمَآءُ بَيْنَهُمْ جو زنده مثال هئا.

- شيعن جو محدث، محمد بن محمد بن الاشعث الكوفي (المتوفي سن هہ) روايت آڻي ٿو:

عن علي بن ابي طالب عليه السلام قال لما استخلف ابوبكر صعد المنبر في يوم الجمعة وقد تهيا الحسن والحسين للجمعة

حضرت علي بن ابي طالب رضہ کان روايت آهي، جڏهن حضرت ابوبڪر رضہ خليفو مقرر ٿيو، جمع جي ڏينهن منبر تي چڙهيو تہ حسن رضہ ۽ حسين رضہ جمعي نماز پڙهڻ لاءِ تياري ڪئي.

الجعفريات مع قرب الاسناد ص٢١٢ مطبوعه قم - ايران

## مقام غور

شيعه سُني ڪتابن مان واضح ٿيو تہ سيد المرسلين نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جي بيماريءَ واري زماني ۾، صديق اڪبر

رضہ ئي نماز پڙهائيندو رهيو. ڪيس حڪم بہ اهوئي هو. جميع صحابہ ڪرام رضہ ۽ اهل بيت عظام رضہ سندس پٺيان نماز پڙهندا رهيا. پاڻ ڪريم ﷺ جن نماز جي امامت لاءِ، حضرت ابوبڪر صديق رضہ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ منتخب نہ ڪيو. ائين نہ فرمايائون تہ منهنجو چاچو عباس رضہ يا سؤٽ علي رضہ نماز پڙهائي. بلڪ سندن حياتي مبارڪ ۾ ئي حضرت علي رضہ ۽ حضرت عباس رضہ، صديق اڪبر رضہ جي پٺيان نماز پڙهندا رهيا. تاريخ ان باب کان خالي آهي، ڪوبہ ثابت ڪري نٿو سگهي تہ رَحْمَةٌ لِّلْعَالَمِيْنَ نبي آخرُ الزّمان، سَيّد المُرْسَلِين، امَامُ القِبْلَتَين حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي مصلي تي، پنهنجي حياتي مبارڪ ۾، حضرت ابوبڪر صديق رضہ کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي نماز لاءِ امام مقرر ڪيو هجي.

شيعن جو عقيدو آهي تہ حضرت ابوبڪر رضہ مؤمن نہ آهي، بلڪ منافق هو. (نَعُوْذُبِاللهِ مِنْهَا) جي ائين هجي ها تہ حضور صلي الله عليه وسلم ڏانهن وحيءَ ذريعي، حضرت ابوبڪر صديق رضہ کي مصلي تي بيهارڻ جي ممانعت اچي وڃي ها. پياري پيغمبر صلي الله عليه وسلم جو حضرت ابوبڪر صديق رضہ کي مصلي تي امام ڪري بيهارڻ، مٿس ايمان تي تصديق جي مُهر هڻڻ آهي.

ان کان سواءِ هي ڳالهہ بہ ثابت آهي تہ "نماز" دين جو رڪن آهي. دين جي معاملي ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم خود پنهنجي مرضيءَ تي نٿو ڳالهائي. جيئن ارشاد رباني آهي:

وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰىؕ اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰى ۙ

(النجم آيت ٣)

۽ نڪي (نفس جي) سڌ کان ڳالهائيندو آهي. هي (قرآن) رڳو وحي آهي جو موڪليو ويندو آهي.

حضور صلي الله عليه وسلم جو فرمائڻ: "مُرُوْا اَبَابَكْرٍ فَلْيُصَلِّ بِالنَّاسِ" يعني ابوبڪر رضہ کي چئو تہ اهو ماڻهن کي نماز پڙهاءِ

معلوم ٿيو تہ الله تعاليٰ جي طرفان ڪين اهوئي حڪم هو تہ ابوبڪر صديق مصلي تي امامت ڪرائي.

ڪي تعصبي شيعہ چوندا آهن تہ مصلي تي پنهنجيءَ مرضيءَ سان زور تي بيهندو هو. رسول الله صلي الله عليہ وسلم جو ڪيس حڪم ڪونہ هو. بقول شيعہ جي ائين هجي ها تہ صحابہ ڪرام رضہ ڪيس مصلي تان ڇونہ هٽايو؟ هن وقت ڪوبہ، ڪنهن امام جي مصلي يا منبر تي بغير اجازت جي بيهي نٿو سگهي تہ امام الانبياء محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جي مصلي تي پنهنجيءَ مرضيءَ سان خودبخود بيهڻ جي ڪير جرئت ڪندو؟ ان ڪي ڪوبہ صاحب فهم تسليم ڪري نٿو سگهي. هتان ثابت ٿيو تہ حضرت رسول الله صلي الله عليہ وسلم کي ابوبڪر صديق رضہ ئي سيني صحابہ ڪرام رضہ ۾ افضل ۽ اعليٰ نظر آيو، جو ڪيس نماز جي امامت لاءِ پنهنجي مصلي تي بيهڻ جو حڪم فرمايائون.



# باب اٺون

## حضور ﷺ ۽ سندن اهل بيت رضہ جي جنازي نماز ۾، صحابه ڪرام رضہ جي شرڪت

### رَحۡمَةٌ لِّلۡعَالَمِيۡنَ، حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي جنازي مبارڪ ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضہ سميت، سيني مهاجرن ۽ انصارن شرڪت ڪئي

رحمة للعالمين، سيد المرسلين، حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن جڏهن دنيا مان وصال فرمايو تہ صحابہ ڪرام رضہ مهاجرن توڙي انصارن مسجد نبوي ۾ جمع ٿيڻ شروع ڪيو. حضرت ابوبڪر صديق رضہ، حضور صلي الله عليه وسلم جي منهن مبارڪ تان ڪپڙو پري ڪري، سندن پيشاني مبارڪ تي چمي ڏني. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جو وصال مبارڪ ام المؤمنين عائشه صديقه رضہ جي گهر مبارڪ ۾ ٿيو. حضرت ابوبڪر صديق رضہ فرمايو تہ مان حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم کان ٻڌو هو، فرمايائون: جتي نبي عَلَيۡهِ السَّلَامُ جو روح قبض ٿئي ٿو، تہ ڪيس اُتي ئي دفن ڪيو وڃي ٿو. ان حديث مطابق سيد المرسلين صلي الله عليه وسلم کي عائشه صديقه رضہ جي گهر مبارڪ ۾ دفن ڪيو ويو. صديق اڪبر رضہ غسل ۽ ڪفن جي ڪم لاءِ حضرت علي المرتضيٰ رضہ، حضرت عباس رضہ ۽ ان جي فرزندن کي مقرر ڪيو.

پاڻ مسجد نبويءَ ۾ مهاجرن ۽ انصارن سان اچي ويٺو. ماڻهن ڪانئس سوال پڇيو تہ: "اي رسول الله جا ساٿي! نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جي جنازي نماز پڙهڻ جو طريقو ڪهڙو آهي؟" پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ هرڪا قوم جدا جدا تڪبير هڻندا، دعا ڪندا ۽ نماز پڙهندا نڪرندا وڃن.

فضائل النبي ترجمه شمائل الترمذي ۾ امام العصر حضرت

علامه عبدالڪريم قريشي پير شريف وارا مدظله العالي روايت ٿا آڻين: حاڪم مستدرڪ ۾ روايت آهي تہ حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن آخري وقت ۾ سيني عزيزن کي پاڻ وٽ گهرايو. اُتي ڪن ماڻهن عرض ڪيو تہ توهان جي نماز ڪير پڙهائي؟ پاڻ فرمايائون: جڏهن غسل ۽ ڪفن ڏيئي رکو تہ پوءِ گهڙي ڪن ٻاهر نڪري وڃجو پهريائين حضرت جبرئيل عليه السلام مون تي نماز پڙهندو. پوءِ ميڪائيل عليه السلام ۽ اسرافيل عليه السلام ان ڪان پوءِ ملڪ الموت. اهي پنهنجي سيني ملائڪن سميت نماز پڙهندا. ان ڪان پوءِ ٽولا ٽولا ڪري هرڪو نماز پڙهندو وڃي. اها نماز جي ترتيب حضرت ابوبڪر صديق رح ماڻهن کي ٻڌائي (فضائل النبي ترجمه شمائل الترمذي)

اهل سنت جي معتبر ڪتاب سُنن ابن ماجه ۾ آهي تہ ماڻهن ٽولن جي صورت ۾ حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم تي نماز ادا ڪئي. مردن، عورتن ۽ ٻارن سيني نماز پڙهي، امام ڪو بہ نہ ٿيو (ڪتاب الجنائز) شيعن جي ڪتابن ۾ بہ چٽائيءَ سان لکيل آهي تہ مهاجرن ۽ انصارن ٽولا ٽولا ٿي نماز پڙهي، ڪو امام مقرر نہ ٿيو.

- شيعن جو محدث محمد بن يعقوب ڪليني (المتوفي سن٣٨١هہ) روايت ٿو آڻي:

| | |
|---|---|
| عن ابي جعفر عليه السلام قال: لما قبض النبي صلي الله عليه وسلم صلت عليه الملئكة والمهاجرون والانصار فوجا فوجا (اصول ڪافي ج١ ص٤٥١ ڪتاب الحجة - ايران) | حضرت محمد باقر عليه السلام کان روايت آهي تہ جڏهن نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم جو وصال ٿيو تہ مٿس ملائڪن، مهاجرن ۽ انصارن ٽولا ٽولا ڪري نماز پڙهي. |

صحابہ ڪرام رضہ جا دشمن هي بہ هڪ اجايو اعتراض ڪندا آهن تہ حضور صلي الله عليه وسلم جو جسم اطهر ٽي ڏينهن پيو هو. اڪثر صحابہ رضہ ڪين ڇڏي هليا ويا ۽ سندن آخري ديدار جي شرف

کان بہ خالي ٿي ويا. ابوبکر رضہ مسجد ڇڏي هليو ويو. نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي جنازي مبارڪ ۾ بہ شريڪ نہ ٿيو.

اهو صريحاً بهتان آهي. صديق اڪبر رضہ جي ئي مشوره سان غسل، ڪفن ۽ دفن جو مسئلو حل ٿيو. جنازي نماز پڙهڻ جي ترتيب بہ ابوبڪر صديق رضہ ئي ٻڌائي. شيعن جي معتبر ۽ مستند ڪتابن لکيو آهي تہ مهاجرن ۽ انصارن مان ڪوبہ نہ رهيو، جنهن جنازه نماز ۾ شرڪت نہ ڪئي هجي.

- شيعن جو سليم بن قيس هلالي، ڪتاب سليم بن قيس ص٧٩ مطبوعہ قم - ايران ۽ احمد بن علي بن ابي طالب طبرسي، ڪتاب احتجاج طبرسي ج١ ص١٠٦ ۾ لکن ٿا:

ثم ادخل عشرة من المهاجرين وعشرة من الانصار فيصلون ويخرجون حَتّيٰ لَمْ يَبْقَ مِنَ الْمُهَاجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ اِلَّا صَلّيٰ عَلَيْهِ

پوءِ حضرت علي رضہ ڏهہ مهاجرن مان ۽ ڏهہ انصارن مان داخل ڪيا. اهي نماز پڙهندا نڪرندا پيا وڃن. تان جو مهاجرن ۽ انصارن مان ڪوبہ نہ رهيو، جنهن حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم تي جنازه نماز نہ پڙهي هجي.

- شيعن جو مجاهد ڪبير سيد محسن الامين العاملي (المتوفي سن١٣٧١هہ) لکي ٿو:

وهكذا كانت الصلواة عليه وسلم حتيٰ صليٰ عليه اهل المدينة واهل العوالي وضواحي المدينة صغيرهم وكبيرهم وذكرهم وانثاهم وَلَمْ يَبْقَ اَحَدٌ مِنْهُمْ اِلَّا صَلّيٰ عَلَيْهِ فصلوا عليه يوم الاثنين وليلة الثلثاء حتيٰ الصباح ويوم الثلثاء

پاڻ سڳورن ﷺ جن تي جنازي نماز هن طرح ادا ٿي، جو مديني ۽ ان جي متئين پاسي ۽ آس پاس وارن، ننڍن وڏن، مردن ۽ عورتن سڀني نماز پڙهي. ڪوبہ نہ رهيو. سومر جي ڏينهن کان وٺي، اڱاري جي رات ۽ ڏينهن تائين نماز پڙهندا رهيا.

(المجالس السنية في مناقب ومصائب العترة النبوية طبع قم ايران)

• شيعن جو باقر مجلسي (المتوفي سن١١١١ھ) لکي ٿو:

شيخ طبرسي از حضرت امام محمد باقر عليه السلام روايت کرده است کہ ده نفر ده نفر داخل مي شدند برآنحضرت نماز ميکردند بي امامي در روز دوشنبہ وشب سہ شنبہ تاصبح روزسہ شنبہ تاشام تا آنکہ خورد وبزرک مرد وزن اهل مدينہ واهل اطراف مدينہ همہ برآنحضرت چنين نماز کردند

(١) جلاء العيون ج١ ص١١٣ طبع ايران
(٢) حياة القلوب ج٢ ص٦٩٧ طبع ايران

شيخ طبرسي، حضرت امام محمد باقر عليہ السلام کان روايت کئي تہ ڏھ ڏھ ماڻهو داخل ٿي، حضرت رسول الله ﷺ جن تي سومر جي ڏينهن کان وٺي اڱاري جي شام تائين، ننڍن وڏن، مردن ۽ عورتن، مديني ۽ ان کان ٻاهرين سيني ماڻهن بنا امام جي نماز پڙهي.

خليفه بلافصل، حضرت ابوبکر صديق رضہ اولين مهاجرن ۾ داخل آهي. ان ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي. پوءِ اهو جنازي نماز کان ڪيئن رهجي ويندو؟ باقي جنازي نماز ۾ تاخير ٿيڻ جا مکيہ اسباب هي هئا:

مديني ۽ مکي جي آس پاس وارن ماڻهن کي اطلاع ڪيو ويو، ماڻهو گهڻي تعداد ۾ جمع ٿي ويا. هي ڪو گهٽ واقعو تہ ڪونہ هو. آخر سيد المرسلين، رحمة للعالمين صلي الله عليه وسلم جي رحلت جو عظيم واقعو هو. ان کان سواءِ حجرو مبارک بہ ايترو ڪشادو نہ هو، جنهن ۾ گهڻا ماڻهو هڪ ئي وقت ۾ سندن آخري زيارت جو شرف حاصل ڪري سگهن. ان ڪري ماڻهو ٽولن ٽولن جي صورت ۾ داخل ٿي، مٿن درود پڙهندا، زيارت جو شرف حاصل ڪندا، نڪرندا پيا وڃن. اوهان پاڻ ئي اندازو لڳايو تہ اهي ٽي ڏينهن بہ ٿورا آهن. ان کان سواءِ صحابہ ڪرام رضہ کي هي حديث بہ ياد هئي تہ انبياء عَلَيۡهُمُ السَّلَامُ جي وصال کان پوءِ سندن جسم اطهر ۾ ڪوبہ تغير و تبدل نٿو

اچي ۽ نہ وري بدن مبارڪ کي زمين کائي ٿي. اهو صحيح ۽ سالم رهي ٿو. ان ڪري تاخير ۾ ڪين ڪوبہ خطرو نہ رهيو.

## حضرت امام حســـن رضہ جو جنازو،

## حضرت سعيد بن العاص رضہ پڙهايو

• شيعن جو بزرگ، علي بن عيسيٰ اربيلي (المتوفي س٦٩٣هہ) لکي ٿو:

غسلهُ الحسين والعباس و محمد اخوانهُ، وصلّيٰ عليه سعيد بن العاص وكانت وفاته سنة تسع واربعين

حضرت حسن رضہ کي سندس ڀائرن، حسين رضہ، عباس رح ۽ محـمـد رح غسل ڏنو ۽ جنازي نماز سعـيـد بن عـاصؓ پڙهائي. حضرت حسن رضہ جي وفات سن ٤٩ هہ ۾ ٿي.

(ڪشف الغمہ ج١ ص٥٨٣)

• ابو الفرج اصفهاني شيعي (المتوفي سن٣٥٦هہ) لکي ٿو:

ان الحسين بن علي قدّم سعيد بن العاص للصلواة علي الحسن بـــن عــلي وقـــال: تقـــدم

مقاتل الطالبين ص٠٥ ذڪر حسن بن علي - مطبوعہ نجف

حضرت حسين رضہ، سعيد بن عـاص رضہ کي حضرت حسن رضہ جي جنازي نماز پڙهائڻ لاءِ اڳي ڪيـو ۽ چيـائين هلو، اڳي ٿي نماز پڙهايو.

• شيعن جو محدث ميرزا محمد بن معتمد خان البدحثي (المتوفي سن١١٢٦هہ) ڪتاب نزل الابرار في مناقب اهل بيت ص٨٤ طهران ۽ سندن مؤرخ ميرزا محمد تقي سپهر (المتوفي سن١٢٩٧هہ) ڪتاب ناسخ التواريخ ج٢ ص١٥٥ ۾ لکن ٿا:

سعيد بن العاص وكان يومئذ

حضرت سعيد بن العاص رضہ انهن ڏينهن ۾ مديني جو حاڪم

اميرا علي المدينة فقدمه الحسين في الصلواة عليه وقال هي السنة

هو. حضرت حسن رضه جي جنازي نماز پڙهائڻ لاءِ، ان کي حضرت حسين رضه اڳي ڪيو ۽ فرمايائين ته هيءَ سنت آهي (يعني وقت جو حاڪم نماز پڙهائي)

## حضرت علي رضي الله عنه جي فرزند محمد بن حنفيه رح (المتوفي سنه٨١هه) جي جنازي نماز، حضرت ابان بن عثمان بن عفان رضه پڙهائي

• شيعن جو علي بن الحسين بن علي للمسعودي (المتوفي سن٣٤٦هه) لکي ٿو:

وتوفي محمد بن الحنفيه بالمدينه في المحرم سنه٨١ وله خمس و ستون سنة، وصلي عليه ابان بن عثمان، وهو يومئذ والي المدينة لعبد الملك

النتبيه والاشراف ص٢٧٣ طبع قم، ايران

حضرت محمد بن حنفيه رح محرم مهيني سن٨١هه ۾، مديني ۾ وفات ڪئي. ان جي جنازي نماز حضرت ابان بن عثمان (يعني حضرت عثمان رضه جي پٽ) پڙهائي. اهو (خليفي) عبدالملڪ جي زماني ۾ مديني جو حاڪم هو.

## حضرت سيده فاطمه رضي الله عنها جي جنازي نماز، خليفه اول حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه پڙهائي

• المحدث علامه شيخ علي متقي هندي (المتوفي سن٩٧٥هه) هڪ حديث آندي آهي:

عن جعفر بن محمد عن ابيه قال ماتت فاطمة بنت رسول الله

حضرت امام جعفر صادق رح، پنهنجي والد امام محمد باقر رح

صلي الله عليــه وسلم فــجاء ابوبكـر و عـمـر ليـصلوا فـقـال ابوبكـــر لعلي بن ابي طالب تقـدم فـقـال مـا كنت لاتقـدم وانت خليفة رسول الله صلي الله عليـه وسلم. فـتـقـدم ابوبكـر وصليٰ عليها
( كنزالعمال ج٦ ص٣١٨ حديث ٥٢٩٩ باب فضـائل الصـحـابہ

كـــان روايت تـــو كري، جڏهن رســول الله ﷺ جي صـاحـبـزادي حضرت فاطمہ رضہ وفات ڪئي تہ حضرت ابوبكر ۽ حضرت عمر رضہ ٻئي مـتـس جنازي نماز پڙهڻ لاءِ تشريف فرما ٿـيا. حـضرت ابوبكر رضہ حـضرت علي رضہ كي چيــو تہ اڳي ٿي نماز پڙهايو. حـــضـــرت علي رضـــہ جواب ۾ فـرمـايو تہ تون رسـول الله ﷺ جو خليـفـو آهين. مـان توكـان پيش قـدمي كري نٿـو سگهـان. پوءِ حـضـرت ابوبكـر رضہ اڳتي ٿي جنازي نماز پڙهائي.

## حضرت ام كلثوم بنت علي رضہ جي جنازي نـماز، حضــرت عبـــدالله بن عمر رضہ پڙهائي

هيءَ ام كلثوم رح، حـضـرت رسـول الله صلي الله عليـه وسلم جي ڏهٽي، بي بي فـاطمہ رضي الله عنهـا جي نيـاٽي ۽ حـضـرت امـام حسين رضہ جي سڳي ڀيڻ هئي، جيكا حضرت عمر فـاروق رضہ جي نكاح ۾ آئي. ان جي وفات سن۴٩هہ ۾ ٿي. مـان مٿي لكي آيو آهيـان تہ هك ڀيري حضرت عبدالله بن عمر رضہ نَوَ جنازا گڏ پڙهايا، انهن ۾ ام كلثوم جو بہ جنازو هو (نسـائي) شيـعـن جي كتـابن ۾ بہ لكيل آهي تہ ام كلثوم جو جنازو حـضـرت عـبـدالله بن عـمـر رضہ پڙهـايو.
قارئين جي خدمت ۾ كجهہ حوالا حاضر آهن:

- ميرزا محمد بن معتمد خان شيعـه (المتوفي سن١٢٢٦هہ) لكي ٿو: زيد بن عـمـر بن خطاب رح ۽ سندس والده ام كلثوم رح ٻنهي هك ئي وقت وفات ڪئي.

وصليٰ عليهما عبدالله بن عمر (نزل الابرار في مناقب اهل البيت الاطهار ص٧٩)

انهن ٻنهي تي عبدالله بن عمر رضہ نماز پڙهائي.

• شيعه مؤرخ ميرزا عباس قلي خان سپهر لکي ٿو:

درجنازه آن مخدره محترمہ حضرت امام حسن وامام حسين عليهما السلام حضور داشتند وجماعتي از مشائخ بزرگ واعيان آن زمان چون ابن عباس وعبدالله بن عمرو و ابوهريره حاضر شدند و بفرمان امام حسن عليه السلام، عبدالله بن عمر رضہ درنماز تقدم گرفت
طرازالمذهب مظفري ص٥٢ مطبوعه بمبئي انڊيا

محترمہ بي بي ام ڪلثوم رح جي جنازي ۾ حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين عَلَيْهِمَا السَّلَامُ موجود هئا ۽ ان وقت جي ڪيترن ئي مشائخن ۽ بزرگن جي جماعت هئي. مثلاً عبدالله بن عباس رضہ، عبدالله بن عمر رضہ ۽ ابو هريره رضہ حاضر هئا. حضرت امام حسن عَلَيْهِ السَّلَامُ جي حڪم سان حضرت عبدالله بن عمر رضہ جنازي نماز پڙهائي.

## حضرت عبدالله بن جعفر بن ابي طالب رضہ (المتوفي سن٨٠هہ) جو جنازو، ابان بن عثمان بن عفان رضہ پڙهايو

• مات عبدالله بالمدينة سنة ثمانين وصليٰ عليه ابان بن عثمان بن عفان ودفن بالبقيع

حضرت عبدالله بن جعفر طيار رضہ سن٨٠هہ ۾ وفات ڪئي، ان جي جنازي نماز حضرت عثمان رضہ جي پٽ "ابان" پڙهائي ۽ ڪيس جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو.

(١) عمدة الطالب ص٣٨ عقب جعفر طيار رضہ
(٢) منتهي الآمال ج١ ص٢٠٥ ذڪر عبدالله بن جعفر طيار

# مقام غور

هن باب مان هيٺيون ڳالهيون ثابت ٿيون:

(١) حضور صلي الله عليه وسلم جي جنازي مبارڪ ۾ جميع مهاجرن ۽ انصارن شرڪت ڪئي.

(٢) حضرت امام حسن رضہ جو جنازو سعيد بن العاص رضہ پڙهايو.

(٣) حضرت امام حسين رضہ ڪيس امام ڪيو ۽ پاڻ مقتدي بڻيو.

(٤) حضرت علي المرتضيٰ رضہ جي فرزند محمد بن حنفيه جي جنازي نماز حضرت عثمان رضہ جي پٽ "ابان" پڙهائي.

(٥) سيده فاطمہ رضہ جيجنازي نماز، ابوبڪر صديق رضہ پڙهائي.

(٦) ام ڪلثوم بنت علي رضہ جي جنازي نماز عبدالله بن عمر رضہ پڙهائي.

(٧) حضرت امام حسن رضہ ڪيس نماز پڙهائڻ لاءِ امام ڪيو.

(٨) حضرت حسن رضہ ۽ حضرت حسين رضہ ٻئي مقتدي بڻيا.

(٩) حضرت علي المرتضيٰ جي ڀائٽي عبدالله بن جعفر طيّار رضہ جي جنازي نماز، حضرت عثمان رضہ جي پٽ "ابان" رح پڙهائي.

**قارئين ڪرام!** اوهان ڏسو تہ صحابہ ڪرام رضہ ۽ اهل بيت عظام رضہ جو پاڻ ۾ ڪيڏو نہ محبت، اخوة ۽ همدرديءَ جو رابطو آهي. هو ڏڪ سڪ ۾ هڪ ٻئي کان پري نہ آهن. بلڪ موتين جي لڙهہ وانگر مليا بيٺا آهن.

صحابہ ڪرام رضہ جا دشمن سندن شان ۾ بيهودي بڪواس ڪندا آهن. خبر نٿي پوي تہ اها دشمني انهن ڪٿان ڪمائي آهي. هوڏانهن حضرت حسن رضہ ۽ حسين رضہ انهن کي پنهنجي قريبن جي جنازي ۾ اڳتي ڪري امامت جو اعزاز ٿا ڏين.

Scanned by CamScanner

# منهنجو سوال آهي

## صحابه ڪرام رضہ جي دشمنن کان منهنجو سوال آهي:

بقول شيعه، صحابه ڪرام رضہ ۽ اهل بيت عظام رضہ جا پاڻ ۾ سٺا تعلقات نہ هئا، بلڪ اُهي هڪ ٻئي جا دشمن هئا تہ پوءِ انهن ڪي پنهنجي عزيزن ۽ قريبن جي جنازي نماز ۾ امام ڇو ٿا مقرر ڪن؟ صحابه ڪرام رضہ کي امام بنائڻ ڪهڙي بنياد تي هو؟ امامت جو شرف بخشڻ، ايمان ۽ اسلام جي بنياد تي هو يا ڪفر ۽ نفاق جي بنياد تي؟ آخر ڪهڙو سبب آهي جو انهن کي امام بنائين ٿا ۽ پاڻ مقتدي بنجن ٿا؟ مَالَكُمْ لَا تَنْطِقُوْنَ، فَكَيْفَ تَحْكُمُوْنَ

صحابه ڪرام رضہ سان بغض رکڻ وارو!! پنهنجي گريبان ۾ منهن وجهي، ڪجهہ سوچيو. انهن جي ايمان تي بحث نہ ڪريو نہ تہ اهل بيت رضہ جو ايمان نٿو بچي. هن باب مان ثابت ٿيو تہ صحابہ ۽ اهل بيت رضي الله عنهم جي درميان ڪابہ ڪشيدگي ۽ بغض نہ هو. اُهي پاڻ ۾ "رُحَمَآءُ بَيْنَهُمْ" جو بهترين مثال هئا.



Scanned by CamScanner

## باب نائون

## حضرت رسول الله ﷺ ۽ ائمه اهل البيت، حضرت ابوبڪر رضہ کي "صديق" جي سهڻي لقب سان ياد ڪيو آهي

فريقين (شيعه و سُني) جي ڪتابن مان حوالا پيش ڪجن ٿا ته ناظرين ڪرام جي آڏو حق ۽ باطل جو اظهار ٿي وڃي.

### اهل سنت جي ڪتابن مان لقب "صديق" جو ثبوت

• حضرت انس بن مالڪ رضہ کان روايت آهي ته هڪ ڀيري نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن احد جبل تي چڙهيا، ساڻن ابوبڪر، عمر ۽ عثمان رضہ به گڏ هئا. احد جبل تحرڪ ۾ اچي ويو. حضور صلي الله عليه وسلم جن ڪيس فرمايو:

اُثْبُتْ اُحُدُ! فَاِنَّمَا عَلَيْکَ نَبِيٌّ وَّ صِدِّيْقٌ وَّ شَهِيْدَانِ ¹ "احد! بيهجي وڃ" ڇوته تنهنجي مٿان هڪ نبي، هڪ صديق ۽ ٻه شهيد آهن.

(بخاري، فضائل ابي بکر صديق رضہ)

• حضرت عڪرمه رضہ کان روايت آهي ته حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: مان معراج جي واقعي جي خبر قريشن سان ڪئي ته انهن ان ڳالهه کي ڪوڙو سمجهيو.

وَصَدَّقَهٗ اَبُوْبَکْرٍ فَسُمِّيَ يَوْمَئِذٍ الصِّدِّيْقُ (طبراني ڪبير ج١ حديث ١٥ مطبوعه بغداد) ابوبڪر رضہ ان واقعي کي سچو ڪيو پوءِ ان ڏينهن کان وٽي ڪيس "صديق" نالو رکيو ويو.

• حڪيم بن سعد رضہ کان روايت آهي، چيائين ته مان حضرت علي رضہ کان ٻڌو، جنهن "الله" جو قسم کڻي ڳالهه ڪئي.

اُنْزِلَ اسْمُ اَبِيْ بَکْرٍ مِنَ السَّمَآءِ الصِّدِّيْقُ حضرت ابوبڪر رضہ جو نالو آسمان مان ئي "صديق" ڪري

¹ صحيح بخاري جلد ٢ ص 425 حديث نمبر 895
مشڪوٰة شريف ج ٢ ص 563

(طبراني كبير ج١ حديث ١۴ طبع بغداد) نازل كيو ويو.

## خليفہ اول حضرت ابوبڪر رضي الله عنه "صديق" آهي.

## ڪتب شيعه مان ثبوت

• شيعن جو مفسر القرآن، علي بن ابراهيم قمي (المتوفي سن٣٠٧هـ) "اِذْهُمَا فِي الْغَارِ" واري واقعي ۾ حضرت جعفر صادق رضہ کان هڪ روايت نقل ڪئي آهي. جنهن ۾ هي الفاظ بہ آهن:

فَقَالَ لَهُ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ "اَنْتَ الصِّدِّيْقُ"

حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ابوبڪر رضہ کي فرمايو تون "صديق" آهين.

تفسير قمي ج١ ص٢٩٠ نجف-عراق

• شيعن جو بزرگ سيد نور الله شوستري شهيد ثالث (المتوفي سن١٠١٩هـ) احقاق الحق ۾ ۽ سندن محقق علي بن عيسيٰ اربيلي (المتوفي سن٦٩٣هـ) كشف الغمه ۾، هڪ روايت نقل ڪن ٿا تہ امام محمد باقر عليه السلام کان ترار کي چانديءَ سان جڙاءُ ڪرڻ بابت مسئلو پڇيو ويو. امام رح جواب ۾ فرمايو تہ جائز آهي. ڇوتہ

قَدْ حَلَّي اَبُوْبَكْرِنِ الصِّدِّيْقُ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فِيْ سَيْفِهٖ، قُلْتَ فَتَقُوْلُ الصِّدِّيْقُ؟ قَالَ وثبت وثبة واستقبل القبلة وقال: نِعْمَ الصِّدِّيْقُ نِعْمَ الصِّدِّيْقُ، نِعْمَ الصِّدِّيْقُ، فَمَنْ لَّمْ يَقُلْ لَهُ الصِّدِّيْقُ فَلاَ صَدَّقَ اللهُ قَوْلاً فِي الدُّنْيَا وَلاَ فِي الْاٰخِرَةِ (١) كشف الغمه في معرفة الائمه ج٢ ص١۴٧ نجف

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه پنهنجيءَ ترار ۾ جڙاءُ ڪيو هو (اتي) راويءَ عرض ڪيو تہ توهان بہ ڪيس "صديق" ٿا چئو؟ (اهو ٻڌي امام ٽپو ڏيئي ڪاوڙجي) اُٿيو ۽ قبلي جي سامهون بيهي، فرمايائين: هائو اهو صديق آهي، هائو اهو صديق آهي، هائو اهو صديق آهي.

(٢) احقاق الحق ج١ ص٢٩ مطبوعه ايران.

# مقام فکر

**ناظرين ڪرام!** ”صديق“ لفظ جي معنيٰ آهي ڏاڍو سچو. صديق اهو آهي، جيڪو اسلام جي ڳالهين کي بنا ڪنهن شڪ و شبهي جي دل ۽ زبان سان سچو سمجهي،سندس قول ۽ فعل مان صداقت پئي ظاهر ٿئي. الله تعاليٰ جن شخصن تي پنهنجو خصوصي انعام ڪيو آهي، اهي چئن جماعتن ۾ تقسيم ٿيل آهن. ارشادي باري تعاليٰ آهي:

اَنْعَمَ اللهُ عَلَيْـهِمْ مِّنَ النَّبِيّنَ وَالصِّدِّيْقِيْنَ وَالشُّهَدَآءِ وَالصَّالِحِيْنَ (النساء آيت ٦١)

يعني جن شخصن تي الله انعام ڪيو آهي (اُهي) نبين، صديقن، شهيدن ۽ صالحن مان آهن.

هن آيت ۽ ان ترتيب مان ظاهر آهي تہ نبين عَلَيْهِمُ السَّلاَمُ ڪان بعد امت ۾ ٻئي نمبر ۾ ”صديقين“ جو ئي درجو ۽ رتبو آهي. ان صديقين جي صف ۾ حضرت ابوبڪر رضہ اول نمبر ۾ داخل ۽ شامل آهي. اسان ڪي هيءُ ترتيب بہ ٻڌائي ٿي،تہ ”صديق اڪبر رضہ“ حضور صلي الله عليه وسلم سان مصلي تي، هجرت ۾، خلافت ۾ (يعني نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم ڪان بعد جاءِ نشين) غار ۾، مزار ۾ ثاني (ٻيو نمبر) نظر اچي ٿو. ان حقيقت جو ڪوبہ انڪار ڪري نٿو سگهي. انڪان سواءِ طرفين (شيعه و سُني) جي معتبر ۽ مستند ڪتابن مان بہ ثابت ٿي ويو تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم ۽ ائمه اهل البيت، ڪيس ”صديق“ جهڙي سهڻي لقب سان ياد ڪري، ان سان محبت ۽ سڪ جي سلوڪ جو اظهار ڪيو آهي ۽ مٿس صداقت جي مُهر هڻي ڇڏي. هاڻي جيڪو بہ ان جي ”صديقيت“ جو منڪر ٿيندو تہ اهو حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم ۽ امامن سڳورن جي اقوالن جو منڪر ۽ ڪوڙو چئبو.

صاف ظاهر آهي تہ "صديق" امامت و خلافت، عدالت و معاملات ۾ برحق ۽ سچو آهي. حضرت جعفر صادق رح ۽ حضرت محمد باقر رح "صديق" لفظ جي پٺيان "رَضِيَ اللهُ عَنْهُ" جا الفاظ استعمال ڪري، هي اعلان بہ ڪري ڇڏيو تہ حضرت ابوبڪر رضہ کان الله تعاليٰ راضي ۽ خوش آهي.

هاڻي خليفہ بِلَافَصُلِ حضرت ابوبڪر رضہ جا دشمن، ڀلي مَڪ جان مُنهن مٿو پٽين، پر ان جو لقب "صديق" ميٽي نٿا سگهن.

بغض جس سينہ ۾ هو صديق رضہ اور فاروق رضہ کا
هے يهي بهتر کہ وه سينہ سدا پٽتا رهے

# باب ڏهون

## حضرت ابوبڪر صديق رضہ ۽ عمر فاروق رضہ کي رَحۡمَةٌ لِّلۡعَالَمِيۡنَ صلي الله عليہ وسلم جي روضي اطهر ۾ معيّت (گڏ هجڻ) جو شرف حاصل آهي.

هن ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي، جڏهن حضور صلي الله عليہ وسلم جن ايمان ۽ اسلام جي دعوت ڏني تہ سيني مردن ۾ اول حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ ايمان آندو. عورتن ۾ حضرت بي بي خديجہ الڪبريٰ رضي الله عنها ۽ ٻارن ۾ حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنہ اسلام قبول ڪيو.

- شيعن جي معتبر تفسير مجمع البيان ج٥ ص٣١٦ مطبوعہ قم - ايران ۾ آهي:

اِنَّ اَوَّلَ مَنۡ اَسۡلَمَ بَعۡدَ خَدِيۡجَةَ اَبُوۡبَكۡرٍ

حضرت خديجہ رضہ جي اسلام آڻڻ کان بعد سڀ کان اول ابوبڪر رضہ اسلام قبول ڪيو.

اسان کي هيٺين ترتيب بہ پڌائي ٿي تہ حضرت ابوبڪر صديق رضہ حضرت رسول الله صلي الله عليہ وسلم کان بعد ثاني (ٻيو نمبر) نظر اچي ٿو:

(١) اسلام قبول ڪرڻ ۾ ثاني

(٢) هجرت ۾ ثاني

(٣) غار ۾ ثاني

(٤) خلافت ۾ ثاني

(۵) مصلي تي ثاني.

(٦) روضي اطهر ۾ ثاني.

• روايت آهي تہ هڪ ڀيري حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم، ابوبڪر صديق رضہ ۽ عمر فاروق رضہ مسجد نبويءَ ۾ گڏجي تشريف فرما ٿيا. سيدُ المرسلين صلي الله عليه وسلم جن سندن وچ ۾ هئا. پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جا ٻئي هٿ مبارڪ صديق ۽ فاروق جي هٿن ۾ هئا. (انهيءَ حالت ۾) فرمايائون:

هٰكَذَا نُبْعَثُ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ (ترمذي، مشڪواة شريف باب مناقب ابي بڪر و عمر)

اسين اهڙي طرح قيامت جي ڏينهن اٿاريا ويندا سون (يعني هڪ پاسي کان صديق رضہ هوندو تہ ٻئي پاسي کان فاروق رضہ)

• ٻيءَ روايت ۾ سندن ارشاد مبارڪ آهي: منهنجا ٻہ وزير آسمان تي جبرئيل ۽ ميڪائيل عَلَيْهِمَا السَّلَامُ آهن.

وَاَمَّا وَزِيْرَايَ مِنْ اَهْلِ الْاَرْضِ فَاَبُوْبَكْرٍ وَ عُمَر

۽ منهنجا ٻہ وزير زمين وارن مان ابوبڪر رضہ ۽ عمر رضہ آهن.

(ترمذي، بحواله مشڪواة شريف)

**قارئين ڪرام!** حضور صلي الله عليہ وسلم جا اهي ٻئي وزير اڄ ٻہ روضي اطهر ۾ ساڻن گڏ آهن ۽ قيامت جي ڏينهن بہ روضي مبارڪ مان گڏ اٿندا. ڪين ڪوبہ جدا ڪري نٿو سگهي.

رحمة للعالمين صلي الله عليه وسلم جي گنبذ خضراء وارو زمين جو حصو، جنت جي باغن مان هڪ باغ آهي. انهيءَ جنت جي باغ ۾ محبوب رب العالمين سيد المرسلين، حضرت محمد صلي الله عليه وسلم سان گڏ، حضرت ابوبڪر صديق ۽ عمر فاروق رضہ بہ آرامي آهن. ان ڳالھ جو ڪوبہ انڪار ڪري نٿو سگهي. هيءَ ڳالھ بہ ظاهر آهي تہ جن شخصن ۾ نبي اڪرم صلي الله عليہ وسلم موجود هجي تہ اُتي عذاب الاهي اچڻ جو امڪان ني

ڪونهي.

• حضرت امام جفعر صادق رح کان روايت آهي تہ حضور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو:

مَا بَيْنَ بَيْتِيْ وَمِنْبَرِيْ رَوْضَةٌ مِّنْ رِيَاضِ الْجَنَّةِ...... — منهنجي گهر ۽ منهنجي منبر جي وچ واري جاء جنت جي باغن مان هڪ باغ آهي.

راويءَ امام کان سوال ڪيو تہ جنهن بيت (گهر) جو هتي ذڪر آهي.

هِيَ رَوْضَةُ نِ الْيَوْمَ ؟ قَالَ نَعَمْ اِنَّهٗ لَوْ كُشِفَ الْغِطَاءُ لَرَأَيْتُمْ — ڇا هي روضہ اطهر اڄ بہ (جنت جو) باغ آهي؟ امام فرمايو: هائو. جي پردو کوليو وڃي تہ توهان ڏسي وٺو.

(فروع ڪافي ج۴ ص۵۵۴ ڪتاب الحج مطبوعہ ايران)

• شيعن جي معتبر ڪتاب من لا يحضره الفقيہ ۾ حضرت جعفر صادق رح کان روايت آهي تہ حضرت رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو:

مَا بَيْنَ قَبْرِيْ وَمِنْبَرِيْ رَوْضَةٌ مِنْ رِيَاضِ الْجَنَّةِ — منهنجي قبر ۽ منهنجي منبر جي وچ واري جاء جنت جي باغن ۾ هڪ باغ آهي.

(من لا يحضره الفقيہ ج۲ ص۳۴۱ زيارت فاطمہ رضہ ۔ ايران)

## مقام فڪر

**محترم قارئين!** اوهان کي معلوم ٿي ويو تہ جڏهن حضرت جعفر صادق کان راويءَ سوال ڪيو تہ جنهن گهر بابت اوهان حديث ٻڌايو ٿا، اُتي تہ اڄ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جو روضو آهي. امام

موصوف جواب ۾ فرمايو هائو. اها روضي واري جاءِ جنت جو ٽڪرو آهي.

الحمدلله! ان جنت جي باغ ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضہ ۽ حضرت عمر فاروق رضہ پنهنجي محبوب مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم سان گڏ موجود آهن. افسوس!! صحابه ڪرام ۽ ائمه اهل بيت جا دشمن هن ڳالهہ کي سمجهن ئي نٿا. سندن چوڻ آهي تہ ابوبڪر ۽ عمر رضہ کي دل ۾ نفاق هو. (مَعَاذَاللهِ) نبي اڪرم صلي الله عليہ وسلم جي روضي اطهر ۾ ڪين زوريءَ دفنايو ويو. شيعن جي ان ڳالهہ کي ڪوبہ انصاف پسند ماڻهو هرگز تسليم نہ ڪندو.

ڀلا جي ائين هجي ها تہ پوءِ صحابہ ڪرام ۽ اهل بيت عظام رضہ گوڙ ۽ شور چونہ ڪيو؟ ڇو خاموش رهيا؟ ڇا سندن ايمان ڪمزور هو؟ شيعن جي اهڙي بيهودي عقيدي رکڻ سان حضرت علي شير خدا رضہ جي شجاعت ۽ ايمان تي داغ لڳي ٿو.

اوهان غور ڪريو، هن وقت ڪوبہ غير مسلم مسلمانن جي عام قبرستان ۾ دفن ڪرڻ جي جرئت نٿو رکي سگهي تہ روضي پاڪ ۾ ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ جتي ستر هزار فرشتا درود پڙهي رهيا آهن ۽ رحمت جو نزول ٿي رهيو آهي. هتان ثابت ٿيو تہ حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم، ابوبڪر صديق رضہ ۽ عمر فاروق رضہ جا پاڻ ۾ بهترين ۽ مثالي تعلقات آهن. اُهي هڪ ٻئي کان جدا ٿي نٿا سگهن.



# باب يارهون

## حضرت علي المرتضيٰ رضہ، خلفآء ثلاثہ (يعني ابوبكر، عمر، عثمان رضہ) جي بيعت كري كين حق جو خليفہ تسليم كيو

**ناظرين كرام!** جڏهن حق ايندو آهي تہ باطل بيهي نہ سگهندو آهي. حق جي خاصيت ئي اها هوندي آهي، ان كي كيترو بہ ڇپايو وڃي پر اُهو ظاهر ضرورٿئي ٿو.

شيعن جو عقيدو آهي تہ خلفآء ثلاثہ رضہ جي خلافت باطل آهي، اُنهن زوريءَ خلافت تي قبضو كيو. خلافت و امامت، اهل بيت جو حق هو، پر كاٺئن زوريءَ كسي ويا. شيعن جي ان ڳالهہ كي كوبہ وزن كونهي. اسان ثابت كري ٿا ڏيكاريون تہ سيني مهاجرن ۽ انصارن، حضرت ابوبكر، عمر ۽ عثمان رضي الله عنهم جي هٿ تي، بيعت كري كين حق جو خليفو تسليم كيو آهي. خود حضرت علي رضہ بہ خلفاء ثلاثہ رضہ جي هٿ تي بيعت كري، كين خليفو ۽ امام مڃيو آهي. ناظرين كرام جي خدمت ۾ كجهہ حالا حاضر آهن:

● احمد بن علي بن ابي طالب طبرسي لکي ٿو:

ثم تناول يد ابي بكر فبايعه — پوءِ علي المرتضيٰ رضہ، ابوبكر رضہ جو هٿ وٺي بيعت كئي.

احتجاج طبرسي ج١ ص١١٠
نجف - عراق

قال اسامة له هل بايعته قال نعم يا اسامة (احتجاج طبرسي ج۱ ص۱۱۵)

أسامه رضہ حضرت علي رضہ کان پڇيو تہ توهان ابوبکر رضہ جي هٿ تي بيعت ڪئي آهي ڇا؟ پاڻ فرمايائون هائو! أسامہ (مان بيعت ڪئي)

اهڙي وضاحت شيعن جي هيٺين ڪتابن ۾ بہ آهي:

(۱) رجال ڪشي ص٦ تذڪره سلمان الفارسي

(۲) روضة ڪافي ج۸ ص۲۹٦ مطبوعه ايران

• شيعن جو شيخ ابو جعفر طوسي (المتوفي سن۴٦۰هہ) روايت ٿو آڻي تہ حضرت علي رضہ ماڻهن کي خطاب ڪندي فرمايو:

فبايعت ابابکر کما بايعتموه....... فبايعت عمر کما بايعتموه، فوفيت له بيعته حتیٰ لما قتل جعلني سادس ستة فدخلت حيث ادخلني و کرهت ان افرق جماعة المسلمين واشق عصالهم فبايعتم عثمان فبايعته (امالي شيخ طوسي ج۲ ص۱۲۱ مطبوعه قم - ايران)

مان ابوبکر رضہ جي بيعت ڪئي، اهڙيءَ طرح جيئن توهان بيعت ڪئي، مان عمر رضہ جي بيعت ڪئي، اهڙي طرح جيئن توهان ان جي بيعت ڪئي. مان عمر رضہ سان بيعت ڪري وفاداري ڪئي. ايتري قدر جو جڏهن اهو شهيد ٿيو تہ مان مجلس شوريٰ جي ڇهن رُڪنن ۾ هيس مان عمر رضہ جي مقرر ڪيل رڪنيت کي قبول ڪيو ۽ مسلمانن جي جماعت ۾ فرقي بندي وجهڻ پسند نہ ڪئي. پوءِ توهان عثمان رضہ جي بيعت ڪئي. مان بہ ان جي بيعت ڪئي.

• شيعن جو مؤرخ شهير ميرزا محمد تقي سپهر (المتوفي سن۱۲۹۷هہ) لکي ٿو:

Scanned by CamScanner

ثم مدّ يده فبايع

پوءِ حضرت علي رضہ پنهنجو هٿ ڏگهو ڪري، عثمان رضہ جي بيعت ڪئي.

